پارسائي جون حدون

(شاعري)

امداد سولنگي

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

ارپنا

خدا جي خوبصورتي جي نانءُ
پنهنجي ابي امڙ جي نانءُ
زندگي ۾ وڇڙي ويل
پياري ڀاءُ مرحوم مير ممتاز سولنگي جي نانءُ
پياري ڀائرن جي نانءُ
۽ مُرڪي ملندڙ دوستن جي نانءُ

ڪتاب نمبر 51

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: پارسائي جون حدون
موضوع: شاعري
شاعر: امداد سولنگي
ڇاپو پهريون: مارچ 2017ع
ڪمپوزنگ: امداد سولنگي
ٽائيٽل: شاهزيب ميمڻ
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن حيدر آباد
سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

ملهه: 200/

PARSAI JOON HADON
(Poetry)
Poet: Imdad Solangi
Sambara Publication Hyderabad

اداري پاران

سنڌي شاعريءَ جا انيڪ غنچا پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ سان حساس دلين کي معطر ڪري نہ فقط زندگي جي ظاهري غير معنويت کي آسان باطني معنيٰ ۽ مفهوم سان روشناس ڪرائن ٿا پر داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جي اپٽار جي چٽسالي جا انوکا نمونا پاڻ وٽائڻ لاءِ متوجهہ بہ ڪن ٿا. "پارسائي جون حدون" ڪنهن سرحدي متڀيد، طبقاتي وچوٿين ۽ منافقتي بوءِ کان آجو هڪ اهڙو شعري مجموعو آهي، جنهن ۾ امداد سولنگي جون انفراديءَ سوچون سخت گير ماحول ۾ رهندي بہ نهايت حساسيت ۽ محبتي مانڌاڻ سان واسيل آهن. امداد جي ڪوتائن ۾ اهڙي مقناطيسي ڪشش ضرور آهي، جيڪا پڙهندڙ کي پاڻ طرف ڇڪي وٺي ٿي ۽ اها خوبي ڪنهن قلمڪار کي ٻين کان ممتاز ۽ منفرد پيش ڪرڻ جي قوت رکي ٿي. امداد سولنگيءَ جي هِن پهرين شعري مجموعي "پارسائي جون حدون" ۾ انساني صحيفن جي لتاڙ خلاف آواز سميت اکين جو رستو چيري دل ۾ گهر ڪري ويندڙ محبتي مايا جو سمنڊ موجود آهي، جنهن ۾ پيار ۽ پريت جون لهرون عشاق دلين جي قافلن کي ٽڪاوت جي صورت ۾ گهاٽي چانوري جو احساس ڏيارين ٿيون، امداد جيڪو طبيعتن سچو ۽ سادو ماڻهو آهي، اهڙو ئي هو پنهنجي شاعريءَ ۾ سچائي ۽ ارڏائي سان داخلي ڪيفيتن کي اجاگر ڪرڻ جو فن بہ ڄاڻي ٿو، اميد تہ سندس قلمي پورهيو ساپيان جو روپ ماڻيندو ۽ سمبارا پبليڪيشن پاران محبتي نيڻن جي هن محبتي سوکڙي "پارسائي جون حدون" کي مان ڏيندي اشاعتي ڪڙي کي ضرور آجيان جي اک سان ڏٺو ويندو.

ساجد سنڌي
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
03003513966

سنڌسلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي نئون ڪتاب **"پارسائي جون حدون"** نئين ٿهيءَ جي خوبصورت شاعر **امداد سولنگيءَ** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

امداد سولنگيءَ جي هِن پهرين شعري مجموعي "پارسائي جون حدون" ۾ انساني صحيفن جي لتاڙ خلاف آواز سميت اکين جو رستو چيري دل ۾ گهر ڪري ويندڙ محبتي مايا جو سمنڊ موجود آهي، جنهن ۾ پيار ۽ پريت جون لهرون عشاق دلين جي قافلن کي ٽڪاوت جي صورت ۾ گهاٽي چانوري جو احساس ڏيارين ٿيون.

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن حيدر آباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست ساجد سنڌيءَ جا جنهن سمبارا پبليڪيشن پاران ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، قرب امداد سولنگيءَ جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وسان
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(احساسن جو ميڙ

پنهنجي پاران

آئون به انهن خوشنصيبن منجهان آهيان جن جي زندگي نج ڳوناڻي ماحول ۾ گذرندي آهي، جتي سادگي دنيا جي چالاڪين کان اڻواقف ٿي پنهنجي فطرتي حسن ۾ پئي پلجندي آهي، مان سمجهان ٿو ته جيڪا اک فطرت جي هِن حُسن ۾ کُلي هجي ان کي ڪلاڪار ٿيندي دير ئي ناهي لڳندي چو ته سونهن جي ڪشش من ۾ ڪيئي تعريفون پيدا ٿي ڪري، انهي تعريفن جو متلاشي ڪڏهن شاعري جي روپ ۾ ته ڪڏهن ڪهڙي روپ ۾ ڪجهه نه ڪجهه بيان ڪرڻ چاهيندو آهي، مون لکڻ ڪڏهن کان شروع ڪيو سچ پچو ته ڪائي خبر ناهي بس جڏهن کان اندر ۾ احساسن جي اُڻتڻ وڌي مون لکڻ شروع ڪيو ۽ اڄ تائين لکندو پيو اچان.

بس هڪ اظهار جو ڪو ذريعو مون کي مليو هو، شاعري ته نه هئي پر جيڪو ڪجهه مون سرجيو هو سو شاعري ڏانهن پهريون پنڌ هُيو،15سالن جي ڄمار ۾ مون لکڻ جي ڪِرت ۾ ڪافي ڪجهه لکي ورتو هو پيار محبت تي آذاريل اُهي ڪچيون ڦڪيون لکڻيون اڄ به جڏهن ڪولي پڙهندو آهيان ته نفيس احساسن جو هڪ ميڙ محسوس ٿيندو آهي، اڳتي هلي لکڻ جي هن جنون سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن تا.ئين پهچايو شاعري جا اسم ڪافي تعداد ۾ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا ائين لکڻ جو اُتساه وڌيو ۽ مان لکندو رهيس، زندگي مسلسل جُستجو ۾ رهي ٿي، ڪڏهن روزگار جي تلاش ۾ ته ڪڏهن وري محبت جي حاصلات ۾،پر مون لکڻ پڙهڻ جو تسلسل هميشه برقرار رکيو آهي، ملڪ جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ هجان ڪهڙي به شهر ۾ هجان پر پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي تخليقي سفر سان هميشه نڀائيندو رهيو آهيان.

آئون سجهان ٿو ته شآعري اندر جو هڪ آواز آهي اهو احساس آهي

ڪونه رهيس ۽ لکندو رهيس، سو اڄ جيڪو ڪجهه مون سرجيو آهي توهان سڀني جي سامهون آڻي رکيو اٿم هاڻ توهان پڙهندڙ ئي فيصلو ڪري سگهو ٿا ته هي اندر جا احساس تنقيدي زاوين مان نڪري شاعري جي سونهن ڏانهن ڪامياب وک ثابت ٿين ٿا يا نه؟؟؟

اڄ جڏهن پنهنجي اندر جي اڌمن کي ڪتابي شڪل ڏئي رهيو آهيان ته سوين وسوسا جنم وٺي رهيا آهن ته ڇا جيڪو ڪجهه مون لکيو آهي سو بيڪار ۾ ته ناهي لکيو، پيار پريت ۽ انسانيت جو درد ڇڏي کي اهڙا موضوع ته ناهن چونديا جن ۾ فقط پنهنجي ذات جا ئي تذڪرا هجن قرب کي ڇڏي ڪٿي بغض ۽ بغاوت جا اکر ته ناهن لکيا ڪوڙ ۽ ڪچ جو سهارو ته ناهي ورتو؟

منهنجي هميشه اها ڪوشش رهي آهي ته معاشري ۾ ٿيندڙ ناانصافين تي قلم کڻجي، انسانيت جي درد تي لکجي، ان ڏس ۾ اگر پنهنجي محبت پنهنجي ذات رهجي به وڃي ٿي ته ڪو غم نه ڪرڻ گهرجي،لکڻ جو هي سفر مون لئه دشوار ضرور رهيو آهي پر هِن مشڪلاتن ۾ محبوب دوستن جو ساٿ به مون سان هميشه رهيو آهي، ڪجهه اهڙا وجود به منهنجا همسفر بڻيا آهن، جن جو پيار پنهنجي زندگي جو هڪ اثاثوسمجهان ٿو، سڀ کان پهرين پنهنجي پياري ياءُ مننار سولنگي جو نهايت ئي شڪر گذار آهيان جنهن مونکي علمي توڙي ادبي دنيا سان وابسته رکيو ۽ منهنجي خوب رهنمائي ڪئي هن وڏي ياءُ مون مٿان جيڪا پيار ڀري نگاهه رکي مان ان محبتن جو هميشه قرضي رهندس،

باقي جن جن دوستن جو سهڪار ۽ محبتون مون سان گڏ رهيون آهن انهن ۾ پياري دوست عاجز ثناءُ الله سولنگي، ساجن سولنگي، ننڍي ڀاءُ ذوالفقار سولنگي، منهنجو پرائمري جو استاد سائين جمال الدين سولنگي، امين پٽو،عبدالصمد جهيجو، سيد صفدر شاهه ، لطيف ڪوڪر، اُداسي جکراڻي ۽ آڪاش صدر چاچڙ جو پيار به ساهه ۾ سانڍڻ جهڙو رهيو آهي، ادبي دوست سائين عجب شيخ، معشوق محسن ابڙو ۽ پياري اشرف سولنگي جن جا به احسان آهن جن ڪافي منهنجي اصلاح ڪئي، توڙي جو شاعري جي سکيا مون اڃ تائين ڪنهن کان به ناهي ورتي پر انهن دوستن جي ساٿ مان ڪافي ڪجهه پرايو آهي، سنڌ جي نهايت خوبصورت شاعر ۽ منهنجي پسنديده ڪوي ايوب کوسو صاحب جا لک ٿورا جنهن مون لاءِ اتساهه جون سٽون لکي منهنجي لکڻين کي جلا بخشي، محترمه رخسانا پريت جو بيحد ٿورائتو آهيان جن بيڪ ٽائيٽل لکيو، محترمه زيب سومرو جا به مون مٿان اڻ ڳڻيا احسان جنهن ڪتاب جي هن ڪوشش ۾ منهنجي هر ممڪن مدد ڪئي ۽ پنهنجا قيمتي رايا لکي مون ناچيز جي حوصلا افزائي ڪئي، پياري دوست سائين جعفر جاني جو به پيار آهي جنهن منهنجي ڪچي ڦِڪي لکڻين تي پنهنجو وزندار رايو رکيو، ڏاهي ۽ نقاد سائين خليق ٻُگهيو جون محبتون آهن، جنهن منهنجي هن ڪتاب تي ايڏي محنت ۽ محبتن منجهان ايڏو پيارو مهاڳ لکي ڪتاب جي سونهن ۾ اضافو ڪيو سائين جي ان محبتن جو مان هميشه قرضي رهندس، ان ڪان پوءِ هن خواب کي ساڀيان جو روپ ڏيندڙ شاعر دوست ساجد سنڌي ۽ سمبارا پبليڪيشن جي پوري سٽ جو ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي ڪتاب آڻڻ جي خواهش کي پورو ڪيو، باقي انهي ڏس ۾ ڪنهن دوست دلبر جو نانءُ

رهجي ويو هُجي ته معذرت ڪيان ٿو، آخر ۾ اهو ئي عرض ڪندو هلان ته آهي ته مون ڪو شاعري جو شاندار مجموعو ناهي آندو پر هي منهنجي احساسن جو هڪ ميڙ آهي، راتين جي اوجاڳن جو ثمر آهي جيڪو توهان آڏو پيش ڪري رهيو آهيان، هاڻي اهو توهان مهربانن جي دلبرين ۽ قدردان اکڙين جو ڪمال آهي ته اهي هن پورهئي کي ڪهڙي پيار مان پڙهي ڪهڙا رايا ڏين ٿيون، توهان پيارن جي راين جو اوسيئڙو رهندو.

امداد سولنگي
ڳوٺ رئيس غلام قادر خان سولنگي
پوسٽ آفيس بڊاڻي،
ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ
03433633523
03033393904

رومانيت، مزاحمت ۽ سماجي سطح جو هڪ سنو شاعر
امداد سولنگيءَ

مهاڳ

ايڪهين صديءَ ۾ سرجندڙ سنڌي شاعريءَ جو گهڻو،ٽڙو حصو موضوعاتي نرالپ کان محروم ٿيندو پيو وڃي، اڪثر شاعريءَ رومانيت، مزاحمت ۽ سماجيات جي روايتي سطح پٺي کان ڇوٽڪارو نٽي ونې ۽ تخيلاتي يڪسانيت جي ڇهاءُ کان ڇڻ نہ واندي ئي ڪانهي، جنهن جي ڪري هڪ طرف شاعريءَ جي ڪتابن جو مقدار وڌندو ٿو وڃي پر ٻئي طرف شاعريءَ جي ڪتابن جي لاءِ پڙهندڙن وٽ ڪشش گهٽجندي پئي وڃي، شاعريءَ جي لاءِ سنڌي سماج جي اندرمارڪيٽ ڪلچر جي ڪشش تڏهن وڌي سگهي ٿي، جڏهن خود شاعرن وٽ فِڪري ۽ اُسلوبي يڪسانيت جي برعڪس خيال جي نئين سرزمين دريافت ڪئي ويندي ۽ خيال جي نئين سرزمين ڳِهري مشاهدي ۽ مطالعي ڪانسواءِ ممڪن ئي ڪانهي، سوچ جي نوَن زاوين کان سواءِ نئين ۽ پُرڪشش شاعريءَ جو جنم آستان ئي تعمير نٽو ڪري سگهجي ۽ نہ ئي شاعريءَ کي منفرد بڻائي سگهجي ٿو.نوَن زاوين جي تخليق واري جُستجو آرٽسٽ کي ادراڪ جي ڳِهرائي ڏانهن وٺي ويندي آهي، نئين يا تازي ادراڪ جي ڳولا لاءِ غير معمولي تخيلاتي تجربو گهربل هوندو آهي، ۽ غير معمولي تخيلاتي تجربي جو ساهس سارڻ سولو ڪونهي، اُهو تخليقار کان سخت محنت، مشاهدي جي نواڻ ۽ وسيع مطالعو گهري ٿو،جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڪي ٿورا شاعر آهن، جيڪي موضوعاتي نرالپ کان ويندي، انوکي تخيل تائين ۽ فِڪري نواڻ کان ويندي اسلوب جي انفراديت تائين شاعريءَ کي هڪ مڪمل تخليقي نظام جي صورتگيري بخشن ٿا، اهڙن شاعرن جي قطار ۾ ضلعي ڪشمور جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ غلام قادر سولنگيءَ جو هڪ نوجوان شاعر امداد سولنگيءَ بہ هاڻي شامل اچي ٿيو آهي، جنهن جي شعري مجموعي "پارسائي جون حدون" جي مطالعي کان پوءِ نئون احساس جاڳي ٿو تہ هُن وٽ تخليق جي دنيا ۾ ڪجھ نئين ڪرڻ جو ساهس آهي، سندس تخليق ۾ فِڪري سطح تي اُنهيءَ ورائٽيءَ جو جوهر ڪٿان نہ ڪٿان چمڪي پوي ٿو، ڪٿان نہ ڪٿان سندس

جذبي جي اُڇل پڙهندڙ جي روح ۾ ڪُپي وڃي ٿي، ڪِٿان نہ ڪٿان سندس تخيل ثقافتي ادراڪ جي جستجو ۾ آهي ۽ سندس اسلوبُ سپيتا ڪي ڪٿي نہ ڪٿي پاڪرين پوي ٿو:

پارسائي جون حدون ٽوڙي وري،
رقص اُوتيو تنهنجي آ، مون راڳ تي.
(امداد سولنگيءَ)

امداد سولنگيءَ بنيادي طرح غزل جو شاعر آهي، هُن نظم، نثري نظم، ۽ وايون بہ لکيون آهن، پر هِن شعري مجموعي "پارسائي جون حدون" ۾ گهڻو مقدار سندس غزلن جو آهي، هُو نئون اُڀرندڙ نوجوان شاعر آهي، پر ٿوري وقت ۾ هُن شاعريءَ کي ڪجھ نہ ڪجھ سمجهي ورتو آهي، تنهنڪري ئي سندس شاعريءَ پڙهڻ جهڙي شاعريءَ آهيءَ پڙهندڙ کي ڪونہ ڪوروحاني، فِڪري ۽ جمالياتي حظ ارپي ٿي،

شاعريءَ جي ڇيچ پڪڙي هر ڪوَي،
اڻ ڳِٽيا احساس ميڙيندو رهيو.
(امداد سولنگيءَ)

امداد سولنگيءَ جي شاعريءَ موضوعاتي سطح تي اڪثر ڪري رومانوي شاعري آهي، پر مزاحمت ۽ سماجيات جا ڇپيٽر بہ اُنهيءَ ۾ ڪجھ حصيداري ڪن ٿا، جنهن جي ڪري ائين چئي سگهجي ٿو تہ سندس تخليقون ٽمورتي احساسن جون آئينہ دار آهن رومانيت، مزاحمت ۽ سماجيات سندس فِڪري موضوع آهن، جتان سندس تخليق بار بار جهاتي پائي ٿي، اُنهيءَ رومانيت، مزاحمت ۽ سماجيات جي ڪينواسن ۾ ئي سندس کي اجاتل منزلون نظر اچن ٿيون، جن کي هُو تخليق جي ڪُومل جذبن سان ڳولڻ جي جُستجو ڪري ٿو انهي ڪري سندس شاعريءَ "نظريہ بيگانگيءَ" جي مداخلت باوجود اتها سڪ آهي،

سوچ جا منهنجا سمورا سلسلا،
روز منڙي ذات ارپيندا رهيا.

هونئن جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اڪثر رومانيت، مزاحمت ۽ سماجيات جا موضوع نظر اچن ٿا، پر امداد سولنگيءَ وٽ اُنهيءَ ڏارا ۾ پنهنجون الڳ ڪيفيتون ۽ الڳ مزاج آهن، جنهنڪري سندس شاعريءَ ۾ هڪ منفرد خالص پٽو آهي، اِهو خالص پٽو ئي ڪيس انهي ٺمورتي تي انفراديت بخشي ٿو ۽ انفراديت تجربي جي حاصلات هوندي آهي، هُن اُها تجربيت پنهنجي زندگي جي ڪاميابين ۽ ناڪاميابين ۽ ناڪامين مان ورتي آهي، سندس شاعريءَ سندس ئي منظوم ادبي ڪٿا آهي، ساڳي ٻوليءَ ساڳيو سماج، ساڳي تهذيب ۽ ساڳي ثقافت ۾ ساڳين ڏکن ۽ ساڳين سکن جي مجموعي ارتقا ۾ پرورش پائيندڙ حياتين ۾ سوچ جا دائرا هڪ جهڙا هُوندا آهن، پر پيش ڪرڻ جا اسلوب مختلف هوندا آهن، تخليقن جي اڏاوتن جون هُنرمنديون الڳ هونديون آهن، فن جي اُها ئي خوبصورتي آهي تہ فن حياتي جي منفرد مشاهدن جو امين هُجي ٿو ۽ مختلف انواع جي شين کي "ماءُ واري ممتا" بخشي ٿو امداد سولنگيءَ جي شاعريءَ هِن سموري اُپٽار ۾ پنهنجي حياتي جي ڏکن سُکن جي سنگم کي نهايت ئي سادگي سان اظهاري ٿي،هُو حياتي جي هُوبهو ٿيندڙ اوکن تجربن جي سادگيءَ کي پنهنجي جهول ۾ وجهي بيٺو آهي، جنهن سادگيءَ ۾ معصوميت بہ آهي تہ ڪنڊن جهڙي تلخي بہ آهي، ڪنهن وڏي حاصلات جي دعويٰ هو بہ نٿو ڪري، پر حياتيءَ جي خوبصورت ۽ بدصورت سچاين سان پڙهندڙ کي ضرور ملائي ٿو.

تلخ لهجن کان ڊنل آهيان گهڻو،
پيار ٻولي چو نٿو هي آدمي .
(امداد سولنگيءَ)

عشق جواني جي دين آهي، هر نفيس فرد پيار جو گهُرجائو آهي، محبت کان سواءِ حياتي بي سوادي ٿيو وڃي، ڪنهن ٻئي سان محبت ڪرڻ بہ پاڻ سان پيار ڪرڻ جي برابر آهي، جيڪڏهن ماڻهو سماج ۾ محبت جي معاملي ۾ بہ جاگيردارانہ روين جوقائل هُجي تہ پوءِ محبت هڪ طرفي ۽ انفرادي ٿيو پوي ۽ انفرادي محبت پنهنجي ارتقا

جي سفر ۾ نيٺ اجتماعيت ۾ داخل ٿيندي آهي، هو باشعور ماڻهو وٽ سماجي گهرجن جي هوند/ اڻ هوند ۾ هڪ رومانوي آئيدلزم هوندو آهي، جيڪو رومانوي آئيدلزم ڪڏهن ڪنهن نوجوان مرد / عورت جي ڪانسيپٽ ۾ هوندو آهي تہ ڪڏهن اُهو رومانوي آئيدلزم علم شعور، آگهيءَ ۽ سچ، حقيقت، قدرن، فڪرن ۽ فلسفن ڏانهن منسوب هوندو آهي، ڪڏهن اُهو رومانوي آئيدلزم سپررئيلزم ڏانهن وابستہ هوندو آهي تہ ڪڏهن اُهو ڏرتيءَ ۽ آجپي جي درد ڪٿا سان واڳجي ويندو آهي، اُنهي رومانوي آئيدلزم جي عدم موجودگي، شاعريءَ جي ادبي ولادت تي ڪرفيو هٽي ڇڏيندي آهي،شاعري جي حُسناڪي جا پهريان پار پٽا رومانيت ئي ڏيندي آهي ۽ رومانيت ئي تخيل جي وسعت سان جمالياتي سحر جنميندي آهي، امداد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ جيڪا رومانيت آهي، سا پڙهندڙ کي درد جي آشنائي بخشي ٿي ۽ حياتي جي زنده دليءَ ڏانهن بہ مدعو ڪري ٿي؛

سار جون سڀ موسمون آباد رک،
نيٺ تنهنجي نانءُ ٿيندي عاشقيءَ .
(امداد سولنگيءَ)

رُومانوي شاعريءَ ۾ عقل ۽ منطق جي برعڪس جذبو / احساس ۽ ڪيفيت رهبر بلڪ رُوح روان هوندي آهي ۽ سماجي ترتيب جي برعڪس دلي وارتائون شاعريءَ جو جوهر هونديون آهن، تهذيبي شعور جي افزائش جي مدِمقابل روح جون ڪوِتائون مقدس سمجهيون ويندون آهن، هڪ "اڻجاڻان خمار" سرواڻي جا فرض انجام ڏيندو آهي، جنهن ۾ "ڇو ۽ ڪيئن" وارن سوالن جا جواب گدلا نظر ايندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن اُنهيءَ رُومانيت جي شدت سماج جي لاءِ نقصانڪار بہ ٿي پوندي آهي، پر جيڪڏهن رُومانوي سحر طبيعت مزاج جي توازن ۾ هُجي تہ پوءِ اِهڙي رُومانيت ذهني، رُوحاني آسودگيءَ جي داعي بنجي پوندي آهي، امداد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي رُومانيت وارو پهلو نظم و ضبط ۾ پوئجي هڪ توازن جو عڪاس نظر اچي ٿو، سندس شاعريءَ ۾ رُومانوي آسودگيءَ مُسرتن جي متلاشي آهي ۽ سندس شاعريءَ ۾ مشرقي رُومانس آهي؛

چنڊ حياءُ جا بادل اوڍي،
ڪيئن شرمائي نِڪري ويو آ.
(امداد سولنگيءَ)

رُومانوي شاعريءَ ۾ حال ۽ مستقبل جي اُبتڙ ماضي پرستيءَ وارو ڪلچر به اسان جي ايجاد جو حصو پئي رهيو آهي، چا ڪاڻ ته ميلاپ ۽ وڇوڙو هڪ ئي سِڪي جا ٻه پاسا هوندا آهن، اُهو ميلاپ سحر انگيز ڪڏهن به نٿي سگهندو آهي، جنهن ۾ وڇوڙي جو ورلاپ نه هجي، وڇوڙي جي وقت ماضي وڌيڪ حسين لڳندو آهي ۽ حال جي شعوري سفر مان بيزاري ٿيندي آهي، امداد سولنگيءَ جي رُومانيت پسنديءَ ۾ به سِڪي جا اُهي ٻئي پاسا آهن، پر وڇوڙي جون صدائون ڪجهه سرس ئي آهن، ۽ اُنهن وڇوڙن جي صدائن ۾ ماضيءَ پرستيءَ سان گڏوگڏ وڇوڙن ۾ تنهائيءَ جو ملتي ڪلچر آهي:

تنهنجي يادن جو ميڙ آ، هُن سان،
ڪيئن سمجهئي ته هيڪلو آهي .

زرد شامن مان خيال ميڙيندي،
درد جو ڪو غزل لکيو آهي .
(امداد سولنگيءَ)

رُومانيت پسندي وارو رجحان حُسن کي ڪارج تي فوقيت ڏيندو آهي، حُسناڪيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ تراشيندو آهي ۽ جمالياتي ذوق کي همسفر بنائيندو آهي، محبوب جي حسناڪيءَ جي اظهاريت ۾ وڌيڪ چار چنڊ تڏهن لڳندا آهن، جڏهن رومانس سان گڏوگڏ جماليات جي اثر پذيرائيءَ جي آمد ٿيندي آهي، امداد سولنگيءَ جي رومانوي شاعريءَ ۾ به جمالياتي ذوق تڏهن پيرجي ٿو، جڏهن هُو رومانس کي فطرت جي حسناڪي سان واڳي ٿو:

وار کولي رکين ٿي پاسي تي،
جڻ ته بادل وسڻ لاءِ آيو آ.

رُومانوي شاعر استعاراتي انداز سوچين ٿا، گلن جي نِرملتا سندن ڪمزوري هوندي آهي، اُهي پنهنجي تخيل ۾ مصّوري ڪن ٿا، نظارن جي خوبصورتي سندن شوق جي داعي هوندي آهي:

فلڪ جا نظارا به ڌرتي چُمن،
گلن جي حُسن تي هي شبنم ڏسي.
(امداد سولنگي)

رومانوي شاعريءَ ڪيف طاري ڪندڙ هوندي آهي، جيڪا پڙهندڙ کي به مزو، تسڪين يا لطف بخشيندي آهي ۽ تخليق جي مڪملتا تي تخليقار به آنند ماڻيندو آهي، رُومانيت جو لازم پهلو فطرت نگاريءَ آهي، فطرت نگاريءَ کان سواءِ رُومانس جو تصور اڌورو رهجي وڃي ٿو،ورڊس ورٿ، ڪولرج، شيلي، بائرن، ڪيٽس جي رومانوي شاعريءَ جو تخيل به فطرت ڪشيءَ کانسواءِ ممڪن بنجي نه سگهيو هو،هنن شاعريءَ کي فطرت جي آمد سمجهيو هو، هنن پنهنجي رومانوي شاعريءَ ۾ عام شين کي به نئين خوبصورتيءَ سان همڪنار ڪيو ائين امداد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو اڀياس ڪجي ته هن جي تخيل ۾ به فطرت نگاريءَ جو ساهُ پَساهه آهي:

رات پيي تو وٽ اچي ها چنڊ پر،
بادلن جي اوٽ مان آجو نه هو .
(امداد سولنگيءَ)

رُومانوي شاعر يورپ ۾ هُجن يا سنڌ ۾ هُجن پر هنن وٽ فطرت هڪ زنده شيءِ آهي،جيڪا ساهه کڻي ٿي محسوس ڪري ٿي، سڪ ماڻي ٿي ۽ ڏک جهاڳي ٿي، فطرت کي پستي ۾ سمجهڻ ذهني فڪري مغالطو آهي، اڄڙندڙ فطرت تهذيب جي عڪاس ڪانهي، پر فطرت بقول اسپائنوزاجي ته سپر نيچرل هستي جو هڪ حسين روپ آهي، منهنجي خيال موجب فطرت کان دوري ماڻهو کي خود غرض بنائي ٿي . صنعتي ترقي اچڻ سان شهرن ۾ بيگانگيءَ ۽ اڪيلائي جا رجحان زور ونن ٿا،

جنهن جي ڪري ماڻهو بي لُطف، بي مزي، بي سواد، ٿِيو پوي ۽ شهري حياتي سماج ۾ اجتماعيت جا پاڳا لاهي انفراديت کي هٿي وٺرائيندي آهي، سنڌي سماج ۾ جتي به صنعتي ترقيءَ اُوج تي آهي، اتي ماڻهو فطرت کان ڏور آهن، پاڻ کي مشينن جيان ڪم ڪندي ڏسن ٿا، احساس جي اُڇل لاءِ سِڪن ٿا، مصنوعيت مان تنگ آهن، سندن رُومانوي تصورن ۾ ٻَوناٽي تهذيب جهَلڪي ٿي، ٻَوناٽي نفسيات، ٻَوناٽي تهذيب ۽ ٻَوناٽو ڪلچر اڄ به اُنهن ماڻهن جي رومانس جو جڙ ته آئين آهي، چاڪاڻ ته شهر جي مصنوعي ۽ احساس کان عاري ماحول جي آلودگي ڪين کو به سُڪون نٿي بخشي، امداد سولنگيءَ جي رُومانوي شاعريءَ جي جماليات به ٻَوناٽي فطرت سان اندران ئي اندران جڙيل آهي. هُو به پنهنجي تخيل ۾ فطرت جي حسناڪي کي مقدس سمجهي ٿو:

نندپڻ يادون، ميٺڙي نِم جي ڇانوُن ۾،
جهُور اکين جا ٽڪ کي لاهيون آءٌ وري .
(امداد سولنگيءَ)

شهرن جو عاليشان ڊگهيون عمارتون ۽ شيشن جا دڪان ۽ گهر ۽ مصنوعي سجاوٽ وارا چهرا اڄ به اسان جي تخليقار کي متاثر نٿا ڪن، پر هنن کي تخليقي سرزمين تي ڪکاوَن گهرن جي سادگيءَ جا گل ڦُٽي پوَن ٿا، جتان اسان جي لوڪ ادب جو بابرڪت جنم ٿيو هو،جتي روايتن سماجي مينيفيسٽيو طور گهر اڏڻ شروع ڪيو هو، جتي سادگيءَ، روحانيت کي جنميو هو، اُها آئيدلزم اڄ به امداد سولنگيءَ جهڙن نوجوان شاعرن جي تخليقن ۾ سروائيو ڪري ٿي:

پراڻيون ڪهاڻيون، صحيفا، قصا،
ٻڌايا ها ڏاڏي ڪکن ۾ ويهي .
(امداد سولنگيءَ)

ورڊس ورٿ به قدرتي نظارن ۾ معنيٰ تلاش ڪئي، ٻهراڙيءَ جو ٻوليءَ سان پيار اظهاريو ۽ ٻَوناٽي معصوميت جو ادراڪ شاعريءَ ۾ جذب

www.sindhsalamat.com

ڪيو، هُن ٻهراڙي ۾ حياتي جي اصليت کي ڏسي ورتو هو ۽ ٻهراڙي جي روايتي ۽ رواجي حياتيءَ سان تخليق جي سٻنڌ کي جوڙي ورتو هو، فطرت جي منظر ڪشين ۾ هُن مسرت ڳولي هئي ۽ هو فلسفي جي حوالي سان انسان ۽ فطرت جي رشتن کي نئين انداز سان ڏسڻ ۾ ڪامياب ويو، ورڊس ورٿ جو نظم ڪيو، هُن ٻهراڙي ۾ حياتي جي اصليت کي ڏسي ورتو هو ۽ ٻهراڙي جي روايتي ۽ رواجي حياتيءَ سان تخليق جي سٻنڌ کي جوڙي ورتو هو، فطرت جي منظر ڪشين ۾ هُن مسرت ڳولي هئي ۽ هو فلسفي جي حوالي سان انسان ۽ فطرت جي رشتن کي نئين انداز سان ڏسڻ ۾ ڪامياب ويو، ورڊس ورٿ جو نظم (گڊ بليڪ اينڊ هيري گِل) ۾ پڙهڻ وٽان آهي، جنهن ۾ هڪ ڪنجوس هاريءَ ۽ هڪ عورت جي ڪهاڻي آهي، ورڊس ورٿ جي دوست ڪولرج جو نظم (اينسينٽ مارينر) به هِن ڏس ۾ مشهور نظم آهي، جنهن ۾ پئسفڪ سمنڊ ويندڙ ملاحن جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن ۾ هڪ ملاح پکيءَ جو شڪار ڪندي موت ۾ انيڪ مصيبتن سان همڪنار ٿئي ٿو، ڪولرج ۽ ورڊس ورٿ ٻنهي جا نظم (ليريڪل بالاڊس) ۾ اڄ به رُومانيت جا سُونهان آهن، رُومانيت ۾ نوجوان شاعرامداد سولنگيءَ ساڳين پيچرن جو اڃاتل مسافر آهي هو به ڳوٺ جي سائيڪيءَ کي پنهنجي رومانوي آئيدلزم جو حصو بنائي ٿو:

ماڪ موتين جا منظر صبح ڳوٺ ۾،
سوچ، ساڳي پهر ۾ رهون ٿا پيا .
(امداد سولنگيءَ)

رُومانيت کان سواءِ فڪر جي جنهن ٻئي دري مان امداد سولنگيءَ پنهنجي شاعريءَ مان جهاتي پاتي آهي سا سماجياتي ڏارا آهي، سنڌي سماج جي بي ترتيبي ۽ عدم توازن کان هڪ باشعور شاعر بي خبر نٿو رهي سگهي، سماج اندر بک، بدحالي، بيروزگاري ۽ ناخواندگيءَ کان سنڌ جو تخليقار طبقو مونهن نٿو موڙي سگهي، هڪ اهڙي طبقاتي جبر واري سنڌي سماج ۾ امداد سولنگيءَ سماج جي بيرحميءَ تان پردو کنيو آهي ۽ غربت جي حقيقي تصوير ڪشي ڪئي آهي:

بُکي پيٽ جي بَدحواسي منجهان،
سوين درد دکڙا بَکن ٿا پيا .
(امداد سولنگيءَ)

سنڌي سماج به معاشي سطح تي گلوبلائيزڊ پاليسين کان آجو

www.sindhsalamat.com

ڪونهي، سرمايادارنہ پاليسين جي ڪري سنڌي سماج ۾ ماڻهو غربت جي لڪير کان بہ هيٺ واري حياتي گهاري رهيا آهن. هڪ ڪمائيندڙ ماڻهوءَ جي پويان سڄو خاندان ڪائي ٿو، روزگارن جا وسيلا محدود ڪيا ويا آهن. ماڻهو ذهني، فِڪري ۽ معاشي سطحن تي هاڻي ٿڪجي پيو آهي؛

غربت آخر ڪيئن مِٽايان،
گاڏو ريڙهي ٿڪجي پيو هان .
(امداد سولنگيءَ)

مارڪسي ادبي تنقيد جي تحت ڏسجي تہ امداد سولنگيءَ پنهنجي شاعريءَ طبقاتي سنڌي سماج ۾ مزدورهاريءَ واري معاشي طور ڏتڙيل طبقي جي نہ صرف ڏکن، المين، عذابن جو ذڪر ڪري ٿو، پر طبقاتي عهد ۾ هو هاري مزدور جي حقن جي ئي حمايت ڪندي نظر اچي ٿو، سرمايادار طبقي جي حمايت نٿو ڪري، اُنهيءَ مزدور طبقي جي بي وَسي، خالي پٽي ۽ غربت کي هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ خوبصورتيءَ سان پوئيو آهي؛

اڄ ٻيي خالي ڄار هٿن ۾،
موٽيا ماڳ مهاڻا سارا .
(امداد سولنگيءَ)

غربت جي ڪارڻ ماڻهوءَ معاشي سطح تي منهن نہ ڏئي سگهندو تہ اُهو مايوسيءَ ڏانهن وڌندو آهي روزانہ اخبارن ۾ اُنهيءَ قِسم جون خبرون عام ٿينديون وڃن ٿيون، امداد سولنگيءَ بہ اهڙي صورتحال کي عڪس بند ڪري ٿو ۽ سماج جي ناڪاري پهلوئن جي عڪاسي ڪري ڏيان ڇڪرائي ٿو تہ سماج ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ غربت سماج ۾ ڪيئن گهر ڪندي وڃي ٿي؟

خودڪشيون محبوب ٿينديون ٿيون وڃن،
روز ڏي ٿي مُفلسي ماتام ڪو.
(امداد سولنگيءَ)

امداد سولنگيءَ جي شاعري جا هيروز ڪانير، ماهيگير، هاري ناري مزدور، رمتا جوڳي وغيره آهن، جن لاءِ سماج وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي، جيڪو ڪين پورهئي جي عيوض ارپي، ايتريقدر جو اُنهن کي پنهنجي پورهئي جو جائز حق بہ نٿو ڏنو وڃي؛

هارياڻي جي تن جو چولو،
ڦاٽل ڪو پهراڻ حياتي .

عيد جا ڪپڙا خريدڻ پئي گهريم،
ماءُ جي ان پَل دوائي ياد پئي .
(امداد سولنگيءَ)

امداد سولنگيءَ جي شاعريءَ جتي غربت، بک، بدحالي، ڏڪار جي خلاف مزاحمت ڪري ٿي، اُتي سرمايادارنہ سماج جي ناڪارين ۽ سماجي بدعتن جي ڪري پيدا ٿيندڙ حالتن کي بہ فوڪس ڪري ٿي، دنيا ۾ روز بروز وڌندڙ حوَس پرستي ۽ اُنهيءَ حوَس پرستي ۾ ٿيندڙ بنا امتياز جي حرام حلال جي اڄاتي موجوده ڊوڙ بہ سندس تخليقن ۾ آرسيءَ جيان چٽيءَ ٿي بيني آهي، هڪ سچيت تخليقار جي حيثيت ۾ هُن موجوده پوسٽ ماڊرن صورتحال کي ڪجهہ نہ ڪجهہ پروڙي ورتو آهي، پوءِ هُن پوسٽ ماڊرنزم جو باقائدي پلي مطالعو نہ بہ ڪيو هُجي، پر اُنهيءَ حقيقت کان تہ انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ پوسٽ ماڊرن صورتحال جو شڪار تہ اسين سڀ آهيون!

دنيا ڪيل تماشو آ ڪو،
جنهن جي پويان جڳ ٿو ڊوڙي .
(امداد سولنگيءَ)

پوسٽ ماڊرنزم جي هِن دور ۾ نظرين جي سگهہ کي ڪمزور ڪرڻ جا سعيا زور تي آهن، شين جي فارمولائيز هئڻ تائين تہ گهڻو ڪجهہ نيڪ هو ۽ گهٽ ۾ گهٽ اَڇي ڪاري جي فرق کي پرکڻ جا ڪي

معيار تہ هئا، پر هاڻي سڄي دنيا ۾ هڪ رينڊم صورتحال آهي، هاڻي پاڻ هڪ اهڙي ڪنزيومر سوسائٽيءَ ۾ رهون ٿا، جتي هر شيءَ کي وکر بنائڻ جي لاءِ هڪ وسيع مارڪيٽ جو چار وڇايو ويو آهي، احساس ۽ سماجي قدر بہ واپاري لوازمات جا محتاج بڻجي پيا آهن، امداد سولنگيءَ جي تخليقي شعور اُنهيءَ صورتحال کي چِٽو ڏئي ٿو:

تيز دنيا جي تاجر آڏو،
هي تہ اياڻپ ڪِين هلي ها .
(امداد سولنگيءَ)

منزل حياتيءَ جي فارمولائيز هئڻ سان ڳنڍيل هوندي آهي، جڏهن حياتيءَ جي گذارڻ جا دستور ۽ نظريا بہ پِٽ سان لڳايا وڃن تہ پوءِ ڇڙواڳي، بدامني، انارڪي ۽ بدامني روز دستور ۽ نظريا بہ پِٽ سان لڳايا وڃن تہ پوءِ ڇڙواڳي، بدامني ، انارڪي ۽ بدامني روز جو معمول بڻجيو وڃي امداد جي شاعريءَ ۾ رڳو روسوءَ جي فلسفي جيان ٻهراڙيءَ سان والهانہ محبت جو اظهار ڪونهي، پر شهري حياتيءَ جا بہ ڪئين لقاءُ آهن، جيڪي موجوده پوسٽ ماڊرن دَور جي عذابن جا لقاءُ آهن:

هِتي روڊ رستن تي لاشا سوين،
اَلا اُپ ٿو ڦاٽي هي ماتم ڏِسي .
(امداد سولنگيءَ)

ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جي مصنوعي رشتن جي سامهون اڄ ڪلهہ حياتيءَ جي پرور اصليت ۽ دائميت کان منهن موڙيو پيو وڃي، سائيبرايج جي هِن دوَر ۾ سماجن جا ثقافتي ۽ ڪلاسڪ قدر تباهيءَ جي وَر چڙهي رهيا آهن، پوسٽ ماڊرن صورتحال اڄ جي نئين انسان کي مُنجهائي ڇڏيو آهي، ماڻهن جي سوچن جا معيار سرمايادارنہ رحم ڪرم تي آهن، ماڻهوءَ ميڊيا جي متعارف ڪرايل عڪسن ۾ جيئڻ شروع ڪري ورتو آهي، ڪنهن بہ شيءَ کي دائميت ڪانهي، سيڪنڊن ۾ صورتحال تبديل ٿيو وڃي، جديد فيشن جا اڻ ڪٿندڙ کي سلسلا آهن، جيڪي پُڄاڻيءَ ڏانهن تہ ڪونہ ٿا وڃن، پر حياتيءَ جي دائمي دستورن کي پستين ڏانهن ڌِڪي رهيا آهن:

هي فيشن جا اڻکٽ زمانا هِتي،
سَندي سادگي کي سڏن ٿا پيا .
(امداد سولنگيءَ)

امداد سولنگيءَ جي سموري شاعريءَ تہ هر ڪنهن کي پسند اچي نٿي سگهي، پر مقدار ۾ ئي معيار ڳولي سگهجي ٿو، سندس معياري شاعريءَ کان ڪوبہ وقت جو نقاد منهن موڙي نٿو سگهي، مون سندس ميريٽس جي پرک ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر فطري ڳالهہ آهي تہ سندس شاعريءَ تي تنقيد جي بہ گنجائش آهي، منهنجي مشاهدي موجب فِڪري حوالي سان سندس شاعريءَ متاثر ڪندڙ آهي، هِن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪِن ٿورن بحرن بحر هزج، بحر رمل، بحر متقارب ۽ بحر متدارڪ سالم غير سالم جو منفرد ۽ غير منفرد استعمال ڪيو آهي، وڌيڪ ڪين ڏکن بحرن تي ڪيس اجا طبع آزمائي ڪرڻ جي ضرورت آهي، سندس قافيا ڪٿي تڙّ تہ ڪٿي آوازي آهن، پر ڪٿي ڪٿي آوازي بہ نٿا ٿين، جنهنجي لاءِ ڪيس قافين تي وڌيڪ محنت ڪرڻ درڪار آهي، فن رڳو وزن بحر ڪونهي، پر وسيع آهي، فن جي ٻين ڪيترن پاسن کان سندس شاعريءَ ڪرافتمئنشپ کٽي اچي ٿي، شاعريءَ کي رڳو مقرر ۽ قديم تنقيدي اُصولن تحت نٿو ڏسي سگهجي، پر فن آرٽ جي ٻين جديد قدرن ۽ اُصولن تي پرکڻ بہ ضروري آهي، امداد سولنگيءَ جو آرٽ ڪيترن ئي زاوين کان خوبصورت آهي، سندس من موهيندڙ تشبيهون روح ۾ سانڍڻ جهڙيون آهن، ڪٿي ڪٿي هُن جي ٻوليءَ جون ترڪيبون پڙهندڙ کي مسرور ڪن ٿيون، ڪٿي سندس استعارا غير معمولي فڪر جا داعي آهن، ڪٿي هُن جي تجسيم پرسونيفيڪيشن سندس ذات ۽ هنر منديءَ جو مثال بڻجي پوي ٿي، جيئن هي بند آهي:

ناچڻي جا ناز روئن ٿا پيا،
سُر سمورا ساز روئن ٿا پيا .
(امداد سولنگيءَ)

امداد سولنگيءَ هڪ باشعور تخليقار جيان آرٽ جي متعين ڪيل رستن جو چڱو خاصو شعور رکندڙ شاعر آهي،هڪ عام ڳالهه کي شاعراڻو رستو ڪيئنءَ ڏجي؟ اُهو آرٽ سندس شاعريءَ ۾ جابجا موجود آهي:

نگاهن جي رستن ۾ دل جون ڪٿائون،
رکيا ٿَم ڪي سپنا ۽ سُڏڪا سهيڙي .
(امداد سولنگيءَ)

مجموعي طرح امداد سولنگيءَ جي هِن پهرين شعري مجموعي "پارسائي جون حدون" ۾ ديس پرديس جي ڪٿا آهي، جوڀن جي سڪ پيار ڏک، سُک جي پالنا آهي، حياتيءَ جي ناڪارين ۽ خراب سماجي بدعتن خلاف مزاحمت آهي، سندس شاعريءَ رڳو شعوري وارتا ناهي، پر اُها لاشعور جي منجهيل سٽن کي بہ اُکولي ٿي، ڪِٿي ڪِٿي سندس بندن جون انيڪ معنائون ساختيات پُڄاڻان تنقيدي نظرين موجب ساراهہ جوڳيون آهن، هُو رُومانس ، مزاحمت ۽ سماجي سطحن جو هڪ سنو شاعر آهي، اُميد آهي تہ هيءُ شعري مجموعو"پارسائي جون حدون" ڪيس ادبي دنيا ۾ وڏيڪ اُتساهہ بخشي پروموٽ ڪندو!!

خليق ٻُگهيو
22ڊسمبر 2016
03337083523

www.sindhsalamat.com

امداد سولنگي جو تعارف

تاثر

شاعري ساروڻين جي تتل تند آهي، جنهن جي آتمائن جي جوڳ سنجوڳ جو آتم ڪٿائون سوز ۽ سرور جون راڳڻيون ڇيڙينديون آهن، سار جي تار تہ خودڪار آهي جيڪا هر حساس دل تي ڪيفيتن جي معيار جي معيار جي آذار تي وار ڪندي رهندي آهي، پر اهڙين ڪيفيتن جي ڪرب ڪي اظهارڻ جو فن فقط شاعر وٽ هُجي ٿو، شاعر جنهن جو شعور اعليٰ ۽ عشق جنونيت جون حدون اورانگهيل هجي. شاعر جنهن جي نگاهہ پاتارن ۽ پولارن جون پيڙائون پڙهڻ جي سگهہ رکندي هُجي، شاعر جنهن جي دل سماج جي سيني ۾ دڙڪندي هجي، شاعر جنهن جو فِڪر لاحد جو لاهوتي هجي، شاعر جنهن جو جنم آدم سان گڏ ٿيو هجي ۽ سندس خواب ڌرتي جي آخري انسان سان گڏجي جيئڻ جو جتن ڪندڙ هجن، اهڙا هوندا آهن شاعر ۽ اهڙو ئي شاعر آهي اسان جو يار امداد سولنگي مون وٽ شاعر جو قد بُت ۽ وزن ماپڻ لاءِ ڦيٿ ۽ وٽ تارازيون نہ آهن، سو آئون امداد ڪي شاعري جو سج چندڊ يا تارو ڪونہ چوندس، ۽ نہ ئي شاعري جو بادشاهہ وزير يا قاضي يا ڪوتوال ڪوئيندس. هو شاعري جو هماليہ يا ڪي ٽو وغيره بہ نہ آهي، هو فقط شاعر آهي، جيئرو، جاڳندڙ پوڳيندڙ، ڪلندڙ، روئيندڙ، سمجهندڙ، سوچيندڙ، خواب ڏسندڙ، يار سان پيار ۽ خار سان نفرت ڪندڙ ماڻهو آهي، وٽس ماڻهپو سماجي شعور ۽ سچ جي پرک آهي، هو ڪيفيت ۽ احساس ڪي لفظن ۾ اظهاري سگهي ٿو، هو شاعر آهي ساروڻين جا عڪس حرفن ۾ پينٽ ڪندڙ شاعر يوڳنائن جي راڳڻي ڇيڙيندڙ شاعر آئيندي جون اميدون اٽندڙ شاعر، سندس اظهار ۾ سادگي سونهن سچائي ۽ سُرت آهي، اِهو ئي امداد سولنگي جو تعارف آهي ۽ اِها ئي سندس تعريف آهي.

جعفر جاني
جيڪب آباد

سنڌي شاعري جي افق تي اُڀرندڙ ستارو

تاثر

دنيا جي آغاز کان اڄ تائين انساني اظهار جي سِپني صورتن مان شاعري ڪي هڪ منفرد حيثيت حاصل آهي، ڇو جو ان ۾ جملي ڪيفيتون شامل هُجن ٿيون، جن ۾ محبت، احساس، ڏک، انقلاب ۽ معاشري جا ڪيئي روپ شامل آهن، صدين جي سفر ۾ شاعري انسان ذات ڪي ڪيترن ئي اهڃاڻن کان واقف ڪيو آهي،شاعر ٻوليءَ ۽ قوم ڪي زنده رکڻ وارو نمائندو ليکيو ويندو آهي، سنڌي شاعري جو سفر نہ صرف جديد شاعري تي اچي بيٺو پر جديديت پُڄاڻان طرف بہ گامزن آهي، سنڌي شاعري جي فلڪ جو اڀرندڙ ستارو امداد سولنگي بہ انهن شاعرن مان هڪ آهي، جن پنهنجو رت ولوڙي ادب جي ڪهڪشان ڪي روشن ڪيو، امداد سان منهنجو ناتو گهڻو پراڻو تہ نہ آهي پر پائنجي ٿو تہ تمام گهڻي مدت کان رفاقت آهي پاڻ بلاشبہ ثانوي مرحلي ۾ آهي تنهن جي باوجود بہ سندس ڪلام جو بنياد مضبوط پائنجي ٿو،
امداد جي ڪلام ۾ ٻوليءَ جي حُسناڪي فن، فڪر ۽ تجنيس جا پختا جز پڌرا آهن، پاڻ مشهور صنفن جهڙوڪ نظم، غزل ۽ وائي تي بنهہ خوبصورت طبع آزمائي ڪئي اٿس،ڏٺي در دعا آهي ايندڙ وقت ۾ سندس نالو وڏن شاعرن ۾ لکيو وڃي، ظلمات جي موجوده دؤر ۾ ايتري محنت يڪ جاءِ ڪري هي ڪتاب پڙهندڙ جي هٿن تائين پهچايو اٿس، ان لاءِ ڪيس جس هُجي، لکڻ لاءِ تہ گهڻو ڪجهہ آهي پر قارئين جو قيمتي وقت بچائڻ لاءِ امداد سولنگي جي هن خوبصورت شعر سان پڄاڻي ڪندس،

سوچ ڪي امداد ماري،
ڪيئن لکڻ کان ڏار رهندو.

زيب سومرو
پٺ شاهہ

قليپر پيج

تاثر

سنڌي جديد شاعريءَ ۾ نئين تخليقي شاعرن جي موجودگي صبح جيان اُتساهيندڙ تازگيءَ جي حقيقت آهي. امداد سولنگي جي شاعريءَ نئون ويساهه به آهي ته نئون آواز به آهي. هُن جي شاعريءَ جي وڏي حُسناڪي رُڳو دلفريب پُختگي ناهي، پر فِڪريءَ دلڪشيءَ به جوبن تي دلنوازيءَ ۾ رڱيل نظر اچي ٿي. هُن جي شاعريءَ ۾ نِج تخليقيت نروار آهي. امداد خاص ڪري غزل انتهائي محبوبائي سان رچيا آهن. اُهي فڪر جي نئين رابيلن سان مهڪيل آهن. اهم حقيقت اِها آهي جو هِن وٽ پنهنجو ڊڪشن آهي. هُن جي شاعريءَ ورجاءُ جي پاڇي ڪان پاڻ کي خوبصورتيءَ سان بچائڻ ۾ سڦل وئي آهي. امداد باشعور خوبصورت نوجوان شاعر آهي. جيڪو منفرد رستي جو اڳتي وڌي آيل مسافر آهي. هُن جي شاعريءَ ڏاڍو متاثر ڪري ٿي. هُن جو هي پهريون سفر دل سان آجيان جي لائق آهي هُن جي شاعريءَ جو مستقبل شاندار نظر اچي ٿو، ڇو جو هُن جي شاعريءَ نئين شاعريءَ جو لاجواب مثال آهي.

ايوب کوسو

15سيپٽمبر 2016

قليپر پيج

تاثر

جديد سنڌي شاعريءَ جي مُنفرد ڪوي ۽ صوفي منش انسان امداد سولنگي جي ڪوتائن ۾ ڪجهه احساسن ۽ ڪيفيتن نه فقط ڪومل ۽ ڪنوار ۽ سندس ادبي سفر تي ڪجهه ڳالهائڻ ڪان اڳ ۾ هيئن به چئي سگهجي ٿو ته امداد شاعريءَ جي ڪنواريتن سوچ اڏارن جي اهڙن انگن کي به ڇُهيو آهي جِن تائين پهچ جي پچار ڪئين ڪوتاڪار ڪندي ٽڪجندا ناهن پر امداد جي ڪوتائن ۾ سماجي ۽ فِڪري تبديلي ۽ پاڻ سڃاڻڻ وارو ڀرپور جذبو انتهائي چوليون هڻندي محسوس ٿئي ٿو،ائين پيو لڳي ته امداد جي وُجود ۾ ڪا ازل جي آڳ آهي جيڪا ڪائنس نِت نئيون تخليقون سَرجڻ تي مجبور ڪري ٿي.

امداد سولنگي جو مطالعي سان گڏ مشاهدي جو پڙ پڻ مٿاهون پاَسي ٿو ۽ سندس شاعريءَ ۾ اُهي ٻئي جزا هم وزن هئڻ سبب سندس شعري سونهن ۽ سُندرتا مقناطيسي ڪشش جي حامل لڳندي،شايد ان جو وڏو سبب سندس ننڍپڻ ۾ ڀهراڙيءَ جي فطري حُسن و جمال ۽ معصوم ماڻهن جي صُحبت يا ننڍي عمر ۾ عشق جي آوي ۾ پچڻ چئجي ته غلط نه ٿيندو جو سندس حساس طبيعت ۽ شاعراڻي حَس کي جلا بخشي آهي، امداد جي شاعري ۾ ٻولي ۽ اسلوب جو جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو، سندس شاعريءَ جو رنگ ڍنگ يا ڏات ۽ ڏانءُ جو سنگم جديد سنڌي شاعريءَ جي هجوم ۾ بلڪل منفرد ۽ انوکو پاسندو.

عجب شيخ

لاڙڪاڻو

بيڪ ٽائيٽل

تاثر

سنڌ جي نوجوان ڪوي امداد سولنگيءَ جون تخليقون پڙهندي سچ پچ، بي اختيار اهو احساس اڀريو ته اڄان پوري سماج بيحسيءَ جو ڪفن ناهي ويڙهيو، سيئي حق ۽ سچ جو نعرو هڻندڙ ڄڀون گونگيون ناهن ٿيون، امداد سولنگي جي احساسن جي اوت، رچنا جي جنهن به فارميٽ ۾ ٿي آهي، يقين سان چوان ٿي ته ان ۾ تخليقڪار جو عوام تائين نياپو پهچائڻ جي مڪمل سگهه موجود آهي، سنڌ جي اترئين علائقي ڪشمور سان تعلق رکندڙ نوجوان تخليقڪار امداد سولنگي جو هي "پارسائي جون حدون" پهريون شاعريءَ جو مجموعو آهي پر سندس فني ۽ فڪري پختگي ڏسي، مون کي پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ جي نوجوان تخليقڪارن تي فخر محسوس ٿي رهيو آهي ۽ گڏوگڏ اکين ۾ آشائن جا نوان ديپ پڻ روشن محسوس ٿين پيا، شاعري جتي رومانيت جو نفيس، خوشگوار ۽ ڳنڍيندڙ احساس آهي، اتي ظلم ۽ استحصال جي ٻارهو اٿندڙ اوٿرن خلاف مزاحمت ۽ اعلان جنگ پڻ آهي، سماج جي مڙني تهن جو شيرين يا اگرو ادراڪ تخليقڪار ئي رکندا آهن ۽ پوءِ آئينن جيان ان ادراڪ کي اجرن ورقن تي سموري انسانذات لاءِ منعڪس ڪندا آهن، امداد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب اميد ڪريان ٿي ته سنڌ واسين وٽ جوڳو مان ماڻيندو ۽ ڪيس لاڳاپيل موٽ ڏيندو.

بڻجي ويون پر اڄان هانءُ ڏاريندڙ سماجي تضادن کي ڏسندي ڪيترائي روح لرزن ٿا ۽ ڪيترن ئي بيباڪ تخليقڪارن جون آڱريون بي ڏپيون بڻجي جنبش ۾ اچي وڃن ٿيون

رُخسانہ پريت

پارسائي جون حدون

غزل

www.sindhsalamat.com

نعت رسول مقبول ﷺ
مدني مني جون ڳالهيون

مدني مني جي قرب جون ڳالهيون ٻه اڻ ڳڻيون،
اکڙيون عجيب ديد لاءِ آتيون ٻه اڻ ڳڻيون.

چاهت ۾ جنهن جي چار سُو، منظر جُڙي پيا،
پٿر شجر ٻه ماند ۾ هر جا مِڙي پيا،
جانب گهُميا تہ عرش جا، بادل ٻه ڇانوَ ٿيا،
ٿوهر پرين جي پيار ۾ ازخود ڦُٽي پيا،
گذريا جو جنهن ٻه واٽ تان گل گل ٽڙي پيا،
ذکرِ حبيب جا هت موضوع ڇڙي پيا،
پن پن پٽي حضور ۾ پاليون ٻه اڻ ڳڻيون،
مدني مني جي قرب جون ڳالهيون ٻه اڻ ڳڻيون.

سُهڻي سياءُ پاڻ ڏي مائل ڪري وڏيون،
دشمن دليون ٻه قرب جون قائل ڪري وِڌيون،
پٿر رکي جنهن راھ ۾ تڪليف هئي ڏني،
آقا انهيءَ مٿان ٻه هئي شفقت سِڌي ڏني،
اهڙو حبيب مصطفي پنهنجو نبي ٻڌيو،
آهن خدا جون رحمتون ساڻي اچي ٻڌيو،
پوپٽ لٽا گلن مٿان لاليون ٻه اڻ ڳڻيون،
مدني مني جي قرب جون ڳالهيون ٻه اڻ ڳڻيون،

دعا

روز ٿو سجدا ڪري توڏي اچان،
در ٻه هاڻي توسواءِ ٻيو ڪيئن وڃان.

پنهنجي مان هِن آجپي پويان رڳو،
پاڻ ٿي غافل اجان ڪيڏو ۽ڏڪان.

تون تہ ڄاڻين ٿو فقيري حال ڪي،
تو اڳيان هر هر صدائون پيو هڻان.

لڙڪ نيڻن جا سمورا ٿين ثمر،
خوف ۾ تنهنجي يڪو وينو ۽روئان.

ڪا خبر ناهي تہ ڪيئن گذري اٿم،
هي حياتي، حال ٿو توسان ڪيان.

جهول ۾ جيڪا ڪنيل آ بندگي،
شل قبولين پاڻ پنهنجي ٻاجھ سان.

اڄ نِمائي سوچ ڪي تو در خدا،
عرض هي امداد روئي ٿو .لکان.

سادگيءَ جو پاند پيارا ڪيئن ڇڏيون،
ڳوٺ ٻَنيون ٻيلهه ٻارا ڪيئن ڇڏيون.

رات ڪنهن جي ياڳ ۾ اهڙي ڪِتي،
چندڙ راتيون تِيک ،تارا ڪيئن ڇڏيون.

زندگي آ ڏُوجهرن جو ڏيهه پر،
ڪي جيئڻ جا ماڪ چارا ڪيئن ڇڏيون.

پاڻ سان ناهي لڳي پر ڇا ڪجي؟!!
لادوا هي درد سارا ڪيئن ڇڏيون.

آس ٿم ايندو سڄڻ مون ڏي هلي،
من اُجهائي ديپ جارا ڪيئن ڇڏيون.

موتَ ڦاهيون گهاٽَ سڀ منظور آ،
حق هتي پنهنجا خدارا ڪيئن ڇڏيون.

پارسائي جون حدون

جيت ڪان اڳ هار ڏيندو پاڻ ڪي،
وقت کي ويچار ڏيندو پاڻ ڪي.

ڇو جُهڪايون سر وڃي درگاهه تي،
پير مُرشد ٻار ڏيندو پاڻ ڪي؟!!

اڄ لڳي ٿو ڪو ڪکر آڪاش تان،
وڏ ڦڙو وسڪار ڏيندو پاڻ ڪي.

اڄ ڪٿون اخلاق جون سڀ عادتون،
نہ تہ نسل هي گار ڏيندو پاڻ ڪي.

مون نہ ڄاتو هو منا هر موڙ تي،
عشق اِئين آزار ڏيندو پاڻ ڪي.

جاڳ پنهنجي جوش پنهنجو ولولو،
منزلن جا پار ڏيندو پاڻ ڪي.

زندگي ۾ ياد ئي ناهي رکيو،
موت، ڏاڍي مار ڏيندو پاڻ ڪي.

www.sindhsalamat.com

لڳي جي لوڙ آهي زندگي ۾،
اجان غم کوڙ آهي زندگي ۾.

هِتي هرڪو ٿو پنهنجا خواب ڳولي،
عجب هي ڊوڙ آهي زندگي ۾.

شهر جي چوئنڪ تي بيٺو مان سوچان،
وڏو ڪو گوڙ آهي زندگي ۾.

بچايو آ خدا بي سمجه ناهيان،
علم جي اوڙ آهي زندگي ۾.

ملڻ جي آرزو هُن پاڻ ڪئي آ،
مٽيو هُن موڙ آهي زندگي ۾.

رکي سڀ ساڻ مون اڄ ٻيي اُها ئي،
مٺا هٿ جوڙ آهي زندگي ۾.

مٿي ۾ موت جي لڳٽي هي آخر،
وڏي ڪا ڦوڙ آهي زندگي ۾.

پارسائي جون حدون

ايڏو مخلص ناهيان مان پر،
ڪوڙ ٺڳي سان ياري ناهي.

من ۾ احساس پيو جَرڪي،
دل تو وانگر، ڪاري ناهي.

آءُ مان توکي ارپيان سڀ ڪجھ،
جان بہ توکان پياري ناهي.

پاڻ مسافر پنڌ ڏُکي جا،
پنهنجي ڪا ئي تياري ناهي.

درد اجان دل سانڍي رکجان،
هُن پنهنجي دل ٺاري ناهي.

شاعر گيت لکي ويا ڪيڏا،
قوم اندر بيداري ناهي.

ويَل پرين جا پيرا، چُمجن،
واءُ اُڏاري واري ناهي.

www.sindhsalamat.com

هي منهنجو من ڀي ڪيڏو بي چيو آ،
وجي ڪنهن تانگهه ۾ اٽڪي پيو آ.

ٻُڌو ٿم هو مسيحا ٿي اچي ٿو،
مون مُرڪي درد کي پنهنجو ڪيو آ.

اسان جي ڳوٺ جو رستو ڪچو هي،
نہ اڄ تائين حڪومت کان ٿيو آ،

جنم جو ڪيڪ ڪاٽيندي چيائين،
حياتي ۾ بہ هاڻي چا رهيو آ.

اڪين ۾ عشق اورڻ کان لِڪي ٿو،
پٽي گل پاڻ جنهن مون کي هنيو آ.

اڪيلو آدمي ۽ سمنڊ لهرون،
وري ڪنهن سوچ ۾ وِڪري ويو آ.

غزل جي روپ ۾ امداد پنهنجي،
اندر جي ڳالهہ کي اهڙو ڪنيو آ.

نينهن نويلو چانڊوڪي سان،
من جو ميلو چانڊوڪي سان.

منظر مَن ۾ لهندڙ آهي،
چَمڪيو ٻيلو چانڊوڪي سان.

پُرندو آهي روز ازل کان،
غم هي پيلو چانڊوڪي سان.

اُٽت اندر ۾ احساسن جي،
سوچ سويلو چانڊوڪي سان.

اُورڻ ويٺي آهي سَرتي!
ڏاج ڏهيلو چانڊوڪي سان.

ڳڏجي گهاريون آءُ ڪڏهن تون،
رات اَويلو چانڊوڪي سان.

چنڊ اڳهاڙو پَڌرو آهي،
سمنڊ اڪيلو چانڊوڪي سان.

زندگي هر موڙ تي پئي غم رکي،
هاڻ لازم آ تہ کو ، مرهم رکي.

روز پنهنجا خواب ماري ناچڻي،
سوچ ۾ ٿي چير جي ، ڇَم ڇَم رکي.

تنهنجا جذبا جهُور ٿيندا پيا وڃن،
وقت سان ويڙهاند لاءِ کو ، دم رکي.

سونهن ڇيڙي آ وري اڄ ڪربلا،
عشق پنهنجي موج ۾ ، ماتم رکي،

چئو طرف ابليس جي هر چال ڪي،
سمجھ پنهنجي سوچ ۾ .آدم رکي.

پٽ ڪري ٿو ڪير مندر مسجدون،
ڪير ماڻهن ميڙ ۾ ٿو ، بم رکي؟

هوءَ حسينا سوڳ ٻاري رات جو،
نيڻ منهنجي ياد ۾ پئي ، نم رکي.

تو زمانا درد ڪي جهاڳيو نہ هو،
عشق تنهنجي روح ۾ ، ساڳيو نہ هو.

چانڊني جا ذوق جنهن لئہ ٿي مِڙيا،
رات سوئي ننڊ مان ، جاڳيو نہ هو.

پير تي ڪارا وڇي ها خيال سان،
ڳوٺ ۾ سارو سڄڻ ، ڀاڳيو نہ هو.

من ڏُکيو هو آس جي آڙاهہ ۾،
نا اميدي سان مگر ، واڳيو نہ هو.

هُن رِلي ۾ رنگ ڪيئي پئي پريا،
منهنجي پر ڪنهن خواب ڪي ، تاڳيو نہ هو.

ڪيئن رکان ها لوڪ سامهون شاعريءَ،
شعر ۾ ڪنهن طرز جو ، قافيو نہ هو.

هاڻ آ رولاڪ ٿيو امداد هي،
اڳ تہ مجنون ايترو ، ڦاڳيو نہ هو.

سونهن ليئو گهٽي منجهه پاتو هيو،
منهنجو محبوب هو مون سُڃاتو هيو.

منهنجو منڙو هي درويش هر هر وري،
تنهنجي درشن ئي ڪارڻ ٽيو آتو هيو.

تنهنجي خوابن جو منهنجي ٻه نيڻن سان ڪو،
چنڊ تارن ئي جهڙو نه ناتو هيو.

زندگي جي صفحي تي لکيل درد هي،
مون نه سمجهو نه کهڙو هي ڪاتو هيو.

ميڻ ٻاري مندر ۾ تو پوڄا ڪئي،
سانوري! ڪنهن لئه آخر هي ساتو هيو.

لمس تنهنجي لبن جو مليو ڪونه پئي،
عاشقيءَ ۾ رڳو بس اوراتو هيو.

پارسائي جون حدون

مٽي ماڳ مانجهي لَڏن تا پيا،
ڏهاڙي جنازا کڄن تا پيا.

هي فيشن جا اٽڪٽ زمانا هِتي،
سندي سادگي کي سڙِن تا پيا.

ائين غير کي تنهنجي پر ۾ ڏسي،
عجب دل ۾ ڪُتڪا لڳن تا پيا.

ٻُڪي پيٽ جي بدحواسي منجهان،
سوين درد دڪڙا ٻڪِن تا پيا.

رُڳو پنهنجي ڪوڙي تمنا پنيان،
ننگو ناچ ماٺهو نچِن تا پيا.

سڄڻ ترسجو نينهن ماريا وري،
ٽٽل آس ميڙي اچن تا پيا.

لتاڙي هي دهشت هي دهمان کي،
اجان پير اڳتي وڌن تا پيا.

امن جا هزارين ڪوي ڪاروان،
غزل گيت وايون لکن تا پيا.

www.sindhsalamat.com

ڪيئن چوان ڪنهن دشمني جو وار هو،
هي تہ پنهنجي دوستي جو وار هو.

موت جي پالوٺ ڪان پهرين هِتي،
ٿيو اسان تي زندگي جو وار هو.

لوڪ ڪان ڪهڙي شڪايت پاڻ کي،
دل لڳي هئي دل لڳي جو وار هو.

ڏِس اجان تاريخ ورجائي پئي،
ڪو پراڻو ڪنهن صدي جو وار هو.

جاڳ ۾ گهايل اکين جي جُستجو،
ننڊ تي پي سانوري جو وار هو.

پوپٽن جي ميڙ مان آجو نہ ٿئين،
تو مٿان ائين دلبري جو وار هو.

هر نظر هئي سونهن ديويءَ ۾ ڪُتل،
چيلهہ تي جنهن جي سڳي جو وار هو.

طرحي غزل

خيال چمڪن ٿا رات ڪاري آ،
گيت سرجڻ جي آس ٻاري آ.

قرب دانهون ڪندو رهيو آ پر،
نفرتن جو هي ڏاڍ طاري آ.

هاڻ خوابن جو بار ناهي ڪو،
ننڊ نيڻن جي مون بہ ماري آ.

ٻاٺ راهن ۾ ٽيڙ ارپي ٿي،
روشنين جي تلاش جاري آ.

لوڻ ٻُرڪي ڦٽن تي ويو آهين،
واهہ جي يار ٽُنهنجي ياري آ.

مرض وڏندو ويو مُحبت جو،
جان امداد مونکي پياري آ.

لوڪ سمجهي ٿو سادگي تنهنجي.
دل جي پٿر سان دل لڳي تنهنجي،

هاڻ ڏسجي ته ڪيئن مُرڪي ٿي،
درد جهاڳي هي عاشقي تنهنجي.

جڻ ته ديوار بيوَسين جي هُئي،
تنهنجي سامهون هي زندگي تنهنجي.

شال ساري ڄمار گهاري مَن،
ساڻ تو ساڻ هي خوشي تنهنجي.

خواب ميٺڙي سُتي هئي آڳر تي.
چنڊ جوين سان روشني تنهنجي.

وقت ايڏيون مسافريون اريپيون،
ڪِين ماٺي سَگهيس مِٺي تنهنجي.

پاڻ پرديءَ پناه ۾ رهجان،
نِرت ڀوڙي نه بندگي تنهنجي.

هونئن بدلجن ٿيون رتون ڪَيئي،
پر ڇو بدلي نه بي رُخي تنهنجي.

پارسائي جون حدون

هلي اچي ٿو هوا جو سُڏڪو،
فقير تنهنجي صدا جو سُڏڪو.

اندر منجهان هي أٿي رهيو آ،
دعا ۾ پنهنجي خطا جو سُڏڪو.

ڪٽي هلن ٿا ڪٿي وري اچ،
ڪلهي تي ڪانڌي فنا جو سُڏڪو.

جفا جي ڏُن ۾ ٻُڌو نه هو ٿو،
صنم اسان جي وفا جو سُڏڪو.

امير تنهنجي شهر جا ماڻهو،
ٽُڏي ڇڏن ٿا گدا جو سُڏڪو.

لِکي لِکي مَن ٿڪي پيو آ،
پڙهي نٿو ڪو ڪٿا جو سُڏڪو.

www.sindhsalamat.com

من جي متن جي ڳالهہ ڪر،
ويهي وطن جي ڳالهہ ڪر.

شاعر ڪلا ۾ پنهنجي تون،
ٻين جي ڏکن جي ڳالهہ ڪر،

سوچيم نقاد سوچي ٿو،
بحر و وزن جي ڳالهہ ڪر،

منهنجون اکيون پڙهي پوءِ تون،
واعدي وچن جي ڳالهہ ڪر.

محنت مزور ماڻهن جي،
ڏرندڙ هٿن جي ڳالهہ ڪر.

محبوب ماڻهپو ماڻي،
سهڻي سُخن جي ڳالهہ ڪر.

وري وري ٿيو ،وصول دل کي،
هجر بہ هاڻي قبول دل کي.

نباہ پاسي وٺي وڃي ٿو،
وفا جو ڪهڙو رسول دل کي.

فدا ڪري پيو حسن تان هر هر،
اکين جو ساڳيو ،اُصول دل کي.

ڪٽي ٿي ڪيڏا صليب خود لاءِ،
دعا ڪيان ٿو ،فضول دل کي.

حضور تنهنجي جفا جا ريلا،
لٿي وڃن ٿا ،ملول دل کي.

جديد فيشن جي دز اچي پئي،
او يار ايڏو نہ جهول دل کي.

درد جو اِتهاس پنهنجي زندگي،
ڪو تتل وشواس پنهنجي زندگي.

تشنگي ناهي رُڳو نيڻن جهلي،
آ سموري پياس پنهنجي زندگي.

موت تي ڪو دوش ناهي دوستو،
پئي پٽيو آ ماس پنهنجي زندگي.

ڪونہ ارپيا چاهہ جا ڪنهن چانورا،
ڏرتين ڪي ،راس پنهنجي زندگي.

مور جهڙو من ڪٿي معصوم ڪو،
چنڊ جي ڪنئي آس پنهنجي زندگي.

چو پئي ڳولي خزائن ۾ اجان؟
هُن گلن جو واس پنهنجي زندگي.

پارسائي جون حدون

اڄ اُتي لهرن ۾ اهڙي موج ، آ،
ناوَ تاريندي ٻڏي ٿو ، ناخدا.

سوچ جون وٽندڙ ڏياٽيون ٻارجن،
ڏات ڪا اهڙي ڪري ، ڏاتر عطا.

درد جو لهجو ٻَڪن تا نيڻ هي،
ڪول دل تي ڪنئي اٿئي ڪهڙي سزا.

زرد شامون هانءُ تي پيون هارجن،
من نٿو ماڻي خوشين جي ڪا فضا.

گهر ڇڏي ۽ پيار جو پرٽو ڪري،
ڇوڪري ڪهڙي نڀائي پئي وفا.

دربدر آ پيٽ جي پوڄا پٺيان،
ڪونٿو سمجهي تہ ڪو آهي خدا.

خواب هاري پنهنجا سڀ ماري ڇڏيا،
هِن غريبي جا ڏسي ساڳيا ،لقا.

تون وري ڳِهرو ڪڪر تي آ ڪڏهن،
تہ پُسن امداد پنهنجي پياس جا.

www.sindhsalamat.com

ڪونج ڪي ڪارو ڪري الزام ڏئي،
مڙس ماٺهو موج ۾ آهي اڃا.

هوءَ اڪيلي ڇوڪري هِن ڏيهه ۾،
زندگي جي ڪوچ ۾ آهي اڃا.

رات لاهي پير چانڊوڪيءَ ڊني،
سونهن سِنڌو اوج ۾ آهي اڃا.

ڪيئن وڻان ڪپڙا لٽا مان عيد تي،
شوق پنهنجو لوچ ۾ آهي اڃا.

بندگي جو ڏيان طلبيان ٿو يڪو،
اڪ ٻُڏل ڪنهن پوچ ۾ آهي اڃا،

سنڌ جيجل سڏ ڪري پئي ڪيترا؟
هي جواني سوچ ۾ آهي اڃا.

طرحي غزل

ڪو اثر ڪِين هو دل جي اظهار ۾،
زندگي درد ميڙي ٿڪي پيار ۾.

بادلن جي پُٺيان چنڊ لِڪندو رهيو،
ناچ اُڇلي چڙيا مور ماڻار ۾.

جُستجو قيد ۾ ڪئي اُڏامڻ جي ٿُو،
حوصلن آ وِڌو تنهنجي ويچار ۾.

گيت سرجڻ سان هي پيٽ پلجي نٿو،
بيوَسي اڄ ٿي پيٽڪي قلمڪار ۾،

عاشقي ٿي جُهڪي سونهن تنهنجي اڳيان،
جيت تُنهنجي سدا مان سدا هار ۾”

روڊ رستن تي جنهن هو مقدر پِنيو،
گم رهان ٿو مان اڄ ٻه انهيءَ ٻار ۾.

ناخدائي ٻه منهنجي تو لوڙهي ڇڏي،
نفرتن جي صنم هِن تِکي تار ۾.

هُن جواني تي جبر ڏاڍو ڪيو،
مون تہ هو پو پي صبر ڏاڍو ڪيو.

ڪنهن غريبي جا ڏنا طعنا رڳو،
ڪنهن وري ماڻو مگر ڏاڍو ڪيو.

ياد ڪي تنهنجي متائڻ ڪاڻ مون،
دل نِماڻي ڪي پٽر ڏاڍو ڪيو.

تو ڪَٿيو هو يار ماضي ڪيئن مگر،
حال آ توسان حشر ڏاڍو ڪيو.

ڪنهن غزل جي ڪوج ۾ رويندي ڪوَي،
سوچ هو تنهنجي سفر ڏاڍو ڪيو.

مُرڪ جون امداد ماري موسمون،
لوڪ آ زخمي اندر ڏاڍو ڪيو.

پوئين رات پَهر ڪنهن پاري،
چور پَڃي ويا پاڳيو ماري.

ڳوناڻو چالاڪ شهر ۾،
ڪهڙا طور طريقا ڏاري.

پوپٽ ناهِن جڻ هي قدرت،
باغن ۾ پئي رنگ اُڏاري.

هاڻي گهر جي اونداهين ۾،
تون پي ديپ رکي چڏ ٻاري.

وقت نِپوڙي روز نِهوڙي،
جيون نيٺ وڃي تو ڳاري.

پيار جي پهرين بارش ڪر اڄ،
يار وٺان مان دلڙي ٺاري.

ويراني جي واٽ چو ورتئي،
رات پُڇيو پئي، هڪ هڪ تاري.

خواب اکين جا اُلڪا آهن،
روز جيئون ٿا سپنا سَاري.

رستا سڀ ويران لڳن ٿا،
دل ۾ سوَ طوفان لڳن ٿا.

ڏوهه جواني تنهنجو ناهي،
دل جا سڀ نقصان لڳن ٿا.

ناسي تنهنجا نيڻ او ناري،
اُلڪا ڪي ارمان لڳن ٿا.

گهر جا شيشا ٽوڙيندڙ هي،
پٿر سڀ مهمان لڳن ٿا.

راتيون پنهنجون اوجاڳن ۾،
اڄ ڪيڏا بهتان لڳن ٿا.

شاعر پنهنجا خيال ٿو ٻاري،
ورقن تي وجدان لڳن ٿا.

اُجڙيل گلشن منجهه هزارين،
پوپٽ جڻ بي جان لڳن ٿا.

مڪتب ڏي ڪو ٻار وڌيو پئي،
ٿيلهي ۾ ڪجهه بار وڌيو پئي.

جئين جئين بارش وڌندي ويئي،
گهر جي پِٽ ۾ ڏار وَڌيو پئي.

آس اکين جو ڇَيد هو شايد،
ڊِنڊِ طرف جو ڄار وڌيو پئي.

چوري ڪڙڪو ڪن تان لاهي،
اڳتي چوڪيدار وڌيو پئي.

توکي خود کان ڏور رکيم پر،
تيڏو توسان پيار وڌيو پئي.

همت هاٺو پنڌ اسان جو،
هوريان هوريان يار وڌيو پئي.

جيون کوڙ بهارُن آندا،
وڻ وڻ ٻوٽو ٿار وڌيو پئي.

ڪنڌ ٽوڙِي ڪات ارپيندا رهيا،
خُودڪشيون حالات ارپيندا رهيا.

خواب ڪان خالي اکين جا مئڪدا،
جاڳ جي هر رات ارپيندا رهيا.

سوچ جا منهنجا سمورا سِلسلا،
روز منٽڙي ڏات ارپيندا رهيا.

اوپرا ماڻهو هزارين شهر ۾،
اجنبي ڪا جهات ارپيندا رهيا.

ماڻهپو، انسان ماري پاڻ ڪي،
نانءُ اعليٰ ذات ارپيندا رهيا.

دلرُبا هر بار هي ڌُرويون ڪٽي،
دل ٽُٽي ڪي تات ارپيندا رهيا.

ڪِين ٿي منزل ملي بي راهه ڪي،
سُور ۽ سختين گهُٽيو آ ساهه ڪي.

لوڪ جي بدذوق نظرن ڪان هِتي،
دل بَچائيندي وَتي پئي چاهه ڪي.

دشمنيون پالي ڪيون سين دنگ يَار،
آءُ هاڻي ٻَڪ وجهون ڪنهن ٿاهه ڪي.

باغ سڀ پوتار جا ۽ ڳوٺ پڀي،
پوءِ ته آخر ريج ملندو واهه ڪي.

زندگي گلزار ٿيئڻي هُئي سا ٿي،
ڪوڙ هو ساندبن ڏُڪايو باهه ڪي.

آڻ منهنجي ٿر مٿان ڪي وڏ ڦُڙا،
ٻُڌ ڪٽي آڪاش منهنجي آهه ڪي.

چانو جا ويري اجان ناهِن مُئا،
وڻ وڍي وڪٽي چڙن ٿا لاهه ڪي.

هو نہ درد جو قِصو هي مختصر،
چندَ دل جا چاڪ ميڙيا رات پَر.

هُن سمهاريو ٻانهن سيراندي ڏئي،
مان تہ دنيا کان ويس ٿي بي خبر.

روز ماڻهن سان وڙهي ٿي مفلسي،
روز ٿي غربت هٽي ڪيڏا پٿر.

ٿو جهُڳا ناحق جلائين راڄ جا،
رئيس تنهنجي ڪوٺ تي ڪِرندو قهر.

بندگي مان خام خيالي ڪڍ پَري،
دل! خدا جي خوف کي ماٺيو تہ ڪر.

گُمشده احساس جو ڪو ڏي پتو،
ڪٿ رهي ٿو ماڻهپو ماڻهن اندر.

وياج تي ورتل خوشين جي رنگ ۾،
هاڻ تون ڳولين پيو ڪهڙو اثر.

پارسائي جون حدون

جيءُ سان جهيڙي ٿڪجي پيو هان،
سڏڪا ميڙي ٿڪجي پيو هان.

چوڏهين جو هو چندبہ چوي ٿو،
بادل ٿيڙي ٿڪجي پيو هان.

ڏک ۾ ڪهڙي خوشحالي آ،
غم چو ڪِيڙي ٿڪجي پيو هان.

جيون سان ڪو ناهہ نٿو ٿئي،
پاڪر پيڙي ٿڪجي پيو هان.

غربت آخر ڪيئن مِٽايان،
ڳاڏو ريڙهي ٿڪجي پيو هان.

مان امداد قفس ۾ تنهنجي،
ڪنپ ڪِنديڙي ٿڪجي پيو هان.

www.sindhsalamat.com

گھاءُ ڏيئي گھاءُ کي گھرو نہ ڪر،
موت سان مونکي ملڻ جھڙو نہ ڪر.

بي رحم دنيا جي دستورن ڀُنيان،
مُحب پنھنجي چاھ کي ميرو نہ ڪر.

مان تہ ناھيان ڪو مفڪر، ھا مگر،
انقلابي سوچ سان جھيڙو نہ ڪر.

ائين نقابن ۾ رکي پنھنجو حُسن،
ھر ادا جو تنگ تون ڀَھرو نہ ڪر.

ڳوٺ جي محبوب راتين سان مِلي،
چنڊ دل جي ٿاڪ کي ٽيڙيو نہ ڪر.

محبتون من مان ميسارڻ جو چَئي،
تون ظلم امداد سان اھڙو نہ ڪر.

عشق افسانو ھُيو پر ياد ھو،
خواب نيٽڻن ۾ اڃان آباد ھو.

وڻ جي ھيٺيان چار ٻارن ساڻ گڏ،
مون ڏٺو ھڪ محنتي استاد ھو.

دم اڪيلو موت سان جھيڙي پيو،
زھر پيي جڻ زندگي جو زاد ھو.

ڪير بدلي ويس ڪارا وقت جا،
اڄ بہ پنھنجو حال ائين برباد ھو.

ھوءَ پري وئي مُورتين ۾ ساھ ڄڻ،
ھُن جي پوڄا ۾ رکيل فرھاد ھو.

گھر جي چارن ۾ لھي پئي روشني،
من انڌيرن کان ٽيو آزاد ھو.

مَن اچي پرڇاءُ جا ڀاڪر ڀري،
نينھن سالن کان رھيو ناشاد ھو.

لُڙڪ لَڙي ويا ماڻا سارا،
پيار سڪيءَ جا ساڻا سارا.

اڄ ٻي خالي ڄار هٿن ۾،
موٽيا ماڳ مهاڻا سارا.

مون سان گڏجي ورد پيا ڪن،
تسّبيح جا مَڻ داڻا سارا.

سوچ اُڏامي ڪونہ ٿي شاعر!
تنهنجا خيال پُراڻا سارا.

تنهنجي ٻانهن سيراندي سائنڻ!
مون لئہ هنڌ وِڇاڻا سارا.

آخر تو وٽ پهتو آهيان،
رُولي نينهن نماڻا سارا.

سار سڏي ٿي مومل جي ڪا،
خواب ڇُمي وڃ راڻا سارا.

مان امداد اڪيلو ۾ هي،
گهاءُ دنيا جا گهاڻا سارا.

آخري من گام تائين گڏ هلو،
زندگي جي شام تائين گڏ هلو.

موت آهي آخري آرام گاهہ،
يار هِن انجام تائين گڏ هلو.

ديپ ٻاري دوستو! هِن راهہ ۾،
سُوجهرن جي سام تائين گڏ هلو.

اي مٿيءَ جي مهڪ جا مالهي! اچو،
لوڏ منهنجي لام تائين گڏ هلو.

پاڻ لهندس ڪا دوا مونسان رُڳو،
مئڪديءَ ۾ جام تائين گڏ هلو.

ڪُلفتن جي ڪوڙهہ مان آجو ڪري،
مُحبتن جي بام تائين گڏ هلو.

خاموش طبيعت آ ڪو شور نٿا چاهيون،
من پيار ۾ هو پرچي، پر زور نٿا چاهيون.

اتهاس پڙهيو هوندو، آڪاش ٻه ڏرتيءَ جو،
محڪوم اسان ماڻهو،ڪجهه غور نٿا چاهيون.

هِت امن محبت ۾ آباد رکون خود کي،
هِت انس رهي پلجان، ڪو ڊور نٿا چاهيون.

هن دل جي وٿاڻي ۾ هڪ پيار ڏُکيل رهندو،
ڪنهن وير جو ڪو مَن تي هي تور نٿا چاهيون.

مهڪار هُجي ٿر تي، ڪي مور وتن ٿلندا،
جو سوڪ ويو گذري، سو دَور نٿا چاهيون.

احساس ڪٺي پنهنجا، هڪ سوچ رکي پنهنجي،
ها چونہ هُجي شاعر پر چور نٿا چاهيون.

رکان اکين تي حضور تنهنجا،
پون پيا روز پور تنهنجا.

اکين منجهان هي ٿِمي رهيا هِن،
اڙي چري دل! قصور تنهنجا.

مٿيا نہ مٿبا هزار ماڻهو،
فنا لئہ ساڳيا فطور تنهنجا.

مِٽيءَ آن پيارا سجاڻ خود کي،
اجايا ايڏا غرور تنهنجا.

وفا تي پنهنجي يقين آ مَن،
پَرم ٻہ لهندس ضرور تنهنجا.

اي ديس تنهنجي بقا جا وارث،
غريب هاريءَ مزور تنهنجا.

هوا سمورا ويسارجن ڪيئن؟
ڏيئي ڏيئي سان ڳلور تنهنجا.

ساھ ٿو سُرڪي سُنا ڪپڙا هُجن،
عيد تي منهنجا ابا ڪپڙا هُجن.

من چوي ٿو حال ميرا ڏوپجن،
ڪاش مون وٽ ڀي اڇا ڪپڙا هُجن.

ديد آ تنهنجي ئي اوبر جي مٿان،
ڏي اميري جي لٽا ڪپڙا هُجن.

ياد ئي ناهي غريبيءَ ڪي ڪڏهن،
وقت جي حاڪم ڏنا ڪپڙا هُجن.

ٿان پورو ئي لڳي ٿو ٿورڙو،
هو وڏيرو آ وڏا ڪپڙا هُجن.

ڪهڙو هي احساس آهي آدمي،
روز قبرن تي ڪنا ڪپڙا هُجن.

غم غريبيءَ جا لڪڻ جي جوش ۾،
ائين لڳي ٿو ڄڻ جليا ڪپڙا هُجن.

تون چوين ها مُرڪ ڪي پاسي رکي،
لڙڪ سان ياري نڀايون ها پرين!

عيد کي عاشور سمجهي پاڻ لاءِ،
درد جا نوحا بہ ڳايون ها پرين!

چنڊ جو پاڇو بہ ٿئي ها دل لڳي،
سانجهہ ۾ ڪا سار لاهيون ها پرين!

دل نہ ڏاپي ذرڙي تنهنجي چاھ مان،
جي عمر ساري بہ چاهيون ها پرين!

داد ٿيئڻو ڪونہ هو هِن ديس ۾،
ڪيترو ڏس پاڻ دانهيون ها پرين!

تون رُڳو مجنون چوين ها چاھ مان،
پير ۾ پوءِ چير پايون ها پرين!

دل سان ڏنو تو دلربا درجو عجيب هُو،
محبوب پنهنجي چاهہ جو چرچو عجيب هُو.

دنيا جي امتحان ۾ حل ڪونہ ٿي سگهيو،
جيون سندو هي پاڻ پرچو عجيب هُو.

پوڙهي وجود سان وري ڇا ٿو ڪمائجي؟
گهر جو بہ اڄ جي دور ۾ خرچو عجيب هُو.

ڪيسين بچائي پاڻ کي رکجي ها تون ٻُڌا؟
تنهنجي نظر جو تير هي ترِڇو عجيب هُو.

پايل ٽُٽي تہ پيٽ جو رستو ٽٽي پيو،
دل ۾ ڪنيو هي ناچڻي هُرچو عجيب هو.

تختو ئي ناوَ جو ڪٽي ساحل کي ماڻيو،
من ۾ اندر ڪو ناخدا مُرڇو عجيب هُو.

لڙڪ لاڙي خواب چُمندي ڪيترا،
زندگي عذاب چُمندي ڪيترا.

ڪو پتو ناهي تہ پنهنجي عاشقي،
درد ۽ دولاب چُمندي ڪيترا.

خواهشن جي مُند اُجهڻي نہ آ،
دل اڃان محراب چُمندي ڪيترا،

دلربا منزل رسڻ جا دڳ اڃان،
هي نظر بي تاب چُمندي ڪيترا.

تشنگي تنهنجي اندر جي اي ڪوي!
سوچ جا سيلاب چُمندي ڪيترا.

هي فقيري دل لڳي جي موڙ تي،
بيوَسين جا باب چُمندي ڪيترا.

دربَدر نيڻ پٽڪن تا هر پل مني!
مان تہ جيون جي ڳولا ۾ نڪتل مني!

ڏينهن ارپن تا صحرا جي سوداگري،
رات اوجاڳ لمحن ۾ گھايل مني!

تنهنجون يادون بہ دل ۾ سلامت اجان،
تنهنجي اُلفت جو آ رنگ ڇانيل مني!

پوپٽن جي اڌوري بزم جي ڪٿا،
پنهنجي گلشن جا گلڙا ڪومايل مني!

زندگاني ائين درد جهاڳي نہ ها،
جي ملي ها سهارو ڪو ساحل مني!

نفرتن ۾ هِتِي هرڪو دل ٿو رکي،
قربتن جو ڪجي ڪنهن کي قائل مني!

حسرتن جون هٿن سان مزارون اَڏي،
هاڻ سَڏجي ٿو امداد قاتل مني!

پارسائي جون حدون

گلابن جي خوشبو خزان وئي اُکيڙي،
روئي مسرتن جا ڪو لاشا پيو ميڙي.

تباهي جي منظر جا سئو تير دل تي،
سُمهي ٿو اُداسين جي چادر ڪو اُوڙهي،

نگاهن جي رستن ۾ دل جون ڪٽائون،
رکيا ٿم ڪي سپنا ۽ سُڏڪا سهيڙي.

غريبن سان ڪيڏا ڪيل ڪيچ واعدا،
وساري ڇڏيا نيٺ تر جي وڏيري.

ڪٽي رات جوڀن جواني جا جلوَا،
ٽڪل بادلن کي ڇڏيو چنڊ ٽيڙي،

اسان جي حياتي جو سنسار سُندر،
اجاڙيو آ امداد اُلفت جي جهيڙي.

www.sindhsalamat.com

مئڪشي ۾ مئہ خانو بہ نڪتو اچي،
ڪو جيئڻ جو بهانو بہ نڪتو اچي.

ياءُ دولت جي خاطر ڪنو ياءُ ڪي،
اهڙو ظالم زمانو بہ نڪتو اچي.

دل جي بي رنگ دنيا ۾ آخر پرين!
عاشقيءَ جو فسانو بہ نڪتو اچي.

پيار جي هر سزا پاڻ سِر تي کڻي،
تنهنجو تو وٽ ديوانو بہ نڪتو اچي.

رات جاڳي لِکڻ جي ڪئي جُستجو،
لفظ ميڙيم ترانو بہ نڪتو اچي.

درد ۾ پيڙا جيون تراشيو جڏهن،
ڪو خوشي جو خزانو بہ نڪتو اچي.

ننڊ ديويءَ جڏهن نيڻ پنهنجا ڪيا،
ڪو تہ سپنو سُهانو بہ نڪتو اچي.

هوءَ سڀڳي جي لوڏ ۾ آئي ڪٽي،
محبتون ڪي هوڏ ۾ آئي ڪٽي.

گهر ڏياٽي مال ملڪيت ڪي ڇڏي،
ٻارڙن ڪي ٻوڏ ۾ آئي ڪٽي.

آسمان بجليون ڪَيرائي ٿو وڄي،
خوف ڏرتيءَ ڏوڏ ۾ آئي ڪٽي.

ڪا خبر ناهي تہ مون لاءِ سانوريءَ،
ڇا اکين جي اوڏ ۾ آئي ڪٽي.

بي مُلهيون ڪي آٿتون هوءَ ڇوڪري،
ڪل خوشي ۾ ڪوڏ ۾ آئي ڪٽي.

نيڻ بَرسيا ڳالهه ڪائي ياد پئي،
دوست اهڙي دل ڏُکائي ياد پئي،

جهُور پوڙهو هو مرڻ تائين پُڳو،
نيڪ ناهي ڪا ، ڪمائي ياد پئي.

عيد جا ڪپڙا خريدڻ پئي گهُريم،
ماءُ جي ان پل ، دوائي ياد پئي.

اڄ وَري رستي ۾ آئي گهوٽڪي،
ڪير پيڙا ۽ منائي ياد پئي.

من مَدايون لوڪ جون پُنتي ڇڏيون،
پاڻ جي هڪڙي مَدائي ياد پئي.

ساهه تي ميڙي رکيون جنهن سنگدليون،
خودڪشيءَ سامهون، خدائي ياد پئي.

پارسائي جون حدون

لڙڪ چاڻي آس ميڙيندو رهيو،
هُو تتل وشواس ميڙيندو رهيو.

قرب جا تيڙي ڪڪر محبوب ڏي،
ڪوته مَن ۾ پياس ميڙيندو رهيو.

زندگي جي جهُول ۾ ڪانير ڪو،
درد جا بنواس ميڙيندو رهيو.

شاعريءَ جي ڇيچ پڪڙي هَر ڪوَي،
اڻ ڳڻيا احساس ميڙيندو رهيو.

مون ڏنو پوپٽ اُڏامي باغ ۾،
ڪي گلن جا واس ميڙيندو رهيو.

تو ڇڏيو امداد تنهنجو تو بنا،
مئڪدن ۾ پياس ميڙيندو رهيو.

www.sindhsalamat.com

ساھ ٿو ٻڏندو رھي بي ساھ ٿي،
اڄ ڪڏھن تون دل چري جو چاھ ٿي.

چيلھ تي ھلڪي نظر ھئي ڇا پئي،
مان ويو ھئس سوچ ۾ گمراھ ٿي.

منزلن جي جُستجو ۾ دل لڳي،
تون اچي منھنجو پرين ھمراھ ٿي.

اوچتو شيشو ٽٽو فانوس جو،
جھوپڙي ساري وئي اونداھ ٿي.

خيال پيو جھُمريون ھٽي ھِن ڳوٺ ۾،
شاعري ڳولي ھِتي وڙاھ ٿي.

زندگي جي پاڳ ۾ ڪارا لٽا،
ھر خوشي وڪري وئي بيواھ ٿي.

ھوند حياتي غم ھئي ساري، اڄ تو مرڪي حال ڏنو،
تير بگھڙ جي ھانوءَ ۾ کوڙي، جڻ ھرڻي کي چال ڏنو.

سوچان ٿو انمول ٿيڻ لاءِ تنھنجو آھي سات ضروري،
تنھنجي ياد غزل جو تحفو، خوشبو خوشبو خيال ڏنو.

بم ڌماڪا دھشت طاري، ملڪ سڄو ڌڪاءُ ۾ آ،
تنھجي ڪِرت ھميشہ ڪاري، اڄ ھي ساڳيو سال ڏنو.

چيلھ سنھي ۾ پاڪر پائي، توسان ٿئي پرچاءُ ڪڏھن،
يار يڪو من گھاريم دوريون، عشق اندر ۾ خال ڏنو.

رات اڌوري چنڊ پنيان کي، اوجاڳن جا مُور اُڏيا،
ويندي ويندي رات اسانکي، اھڙو ھو تہ وِصال ڏنو.

تعبير پُڇن تا نيڻن ۾،
کي خواب لُڇن تا نيڻن ۾.

تو چاهه چانڊوڪي ڇيڙي آ،
ڏِس مور نچن تا نيڻن ۾.

هي پيار وفا جا پانڌيئڙا،
کي راز رکن تا نيڻن ۾.

مسرور رهان محبوب مگر،
سوَ داءُ سُجهن تا نيڻن ۾.

کي شخص مسيحا روپ ڪٽي،
احساس اُٿن تا نيڻن ۾.

ڪجهه پيار پراڻا ياد ڪري،
اڄ لڙڪ ترن تا نيڻن ۾.

امداد سفر ۾ ساٿ نہ آ،
سوَ خوف ڪُڏن تا نيڻن ۾.

پارسائي جون حدون

پنهنجو ڇا پر غير بہ ڪونهي،
هُن جو هاڻي ڪير بہ ڪونهي.

تون ڀي ناهين دل ۾ هاڻي،
يادن جو ڪُو ڍير بہ ڪونهي.

مايوسين جي موسم ڪڙڪي،
سپنا خواهش خير بہ ڪونهي.

هڪ لحظي ۾ سڀ غم لاهين،
تو در مالڪ! دير بہ ڪونهي.

جيوَن جا سڀ رقص اُڌاڻا،
تو بِن ڇمڪو، ڇير بہ ڪونهي.

دنيا ساري دشمن تنهنجي،
تنهنجو ڪنهن سان ويرَ بہ ڪونهي؟

www.sindhsalamat.com

هي دل مون جيڪا ڏاري آ،
سا چاهت ۾ ئي ڳاري آ.

خوابن جا اُلڪا اکڙين ۾،
ڪا ياد بہ دلڙي ساري آ.

بي وقت اچي ٿو موت مٺا،
ٿُو ڪهڙي ڪئي اڄ تياري آ.

غيرت نالي تي تو پنهنجي،
پيڻ سڳي چو ماري آ.

ڪوڙ پرين دمساز دنيا ۾،
پر منهنجي تو سان ياري آ.

تون چانڊوڪين ڪي ڳولين پيو،
هت رات هميشہ ڪاري آ.

امداد جون سوچون سُڏڪن ٿيون،
پر لوڪ ٻُڌڻ ڪان آري آ.

پارسائي جون حدون

حرص حوَس ڪان ڏرندو ناهي،
ماڻهو جيسين مرندو ناهي.

دل ۾ ديپ اُميدن جو ڪو،
مايوسين ۾ ٻَرندو ناهي.

سچ جو ٻيڙو پار پُڄي ٿو،
ڪوڙ ڪچو آ ترندو ناهي.

ويهي ڇا پيو سوچين هاڻي؟
وقت ويو جو ورندو ناهي.

ڪاغذ نيٺ ڳري ويندو آ،
خيال تہ ڪو ٻي ڳرندو ناهي.

هر هر گهاءُ ڏنو ٿئي پوءِ پي،
من هي ٿُنهنجو ٺرندو ناهي،

رت جو ايڏو پياسو ماڻهو،
ڪيئن چوان هي درندو ناهي.

ائين لڳي ٿو ميگهہ اوهان جي ٽر تي ترسڻ چاهي ٿو،
درياءُ سارو بادل بڻجي ،جڻ ڪو برسڻ چاهي ٿو.

پٽ اکين جي پينارن کي ،دلڪش ڏيک ڏيکارن ٿا،
سونهن سُندرتا سامهون اڄ ڪو، شاعر گذرڻ چاهي ٿو.

نيٺ سفيني پار ٿيڻ جا خواب لتاڙِي ،ڇولي وئي،
تختو تختو ٽي اڄ پنهنجو پاڳ بہ ، ترڪڻ چاهي ٿو.

لرزش ۾ آ ننگ اگهاڙو، حال غريبي او حاڪم!
عيد سندو هڪ پاڪر پائي توسان ،مرڪڻ چاهي ٿو.

مُور ڪنيو آ رات پرن تي چانڊوڪي جو ڪيل نئون،
پڃرو ٽوڙي هاٺي هوڏي منڙو ،اُڏرڻ چاهي ٿو.

ڪامهہ گلن ۾ ڪاهي پئي آ ،وڻ وڻ ٻوٽو وڪري ٿو،
شايد مونکي خالي گلشن،پل هي ،ارپڻ چاهي ٿو.

لوڪ جيان ڪجهہ پٿر ميڙي چاٽ چٽائڻ پهتو آ،
اڄ منهنجي امداد صبر کي يار بہ ،پرکڻ چاهي ٿو.

تيز رهندو تار رهندو،
وقت بي ميار رهندو.

لڙڪ وهندا ڪونہ جيسين،
دل اکين تي ،بار رهندو.

چنڊ آڏو رات ، ساري،
بادلن جو چار رهندو.

ٿُو هٿن جو لمس اَرپيو،
گل هميشہ ، هار رهندو.

مئڪدا آباد رهندا،
خاص ڪو ، خُمار رهندو.

ڳوٺ جانان لئہ اسان جو،
من سراپا ، سار رهندو.

مطلبي هِن لوڪ ۾ اڄ،
ڪير ڪنهن جو ، يار رهندو.

سوچ کي امداد ماري،
ڪيئن لکڻ کان ،ڌار رهندو.

چند لمحن جي چاهت ڪٽي ٿا اچو،
يار ڪيڏي هي راحت ڪٽي ٿا اچو.

جي اچو ٿا اسان لاءِ جيئڻ جو نئون،
آسرو ۽ ڪا آٿت ڪٽي ٿا اچو.

تنگ پوپٽ پيا ڪن اوهان ڪي تڏهن،
روز ٿَن جي شڪايت ڪٽي ٿا اچو.

نيٺ ڪهڙي يزيدي زماني منجهان،
قرب ٻوڙي قباحت ڪٽي ٿا اچو.

ٺهڪ ڇيڙي هوا ۾ سُريلا سندا،
موسمن جي بشارت ڪٽي ٿا اچو.

نيڻ ناسين ۾ جانان ٺهي ڪانهہ ٿي،
هي جا مون لئہ حقارت ڪٽي ٿا اچو.

پو فرشتا پُڇن ٿا هي رُتبو ڏسي،
جڳ مان ڪهڙي عبادت ڪٽي ٿا اچو.

پارسائي جون حدون

حادثن جي لهر ۾ رهون ٿا پيا،
شور هاڻي شهر ۾ رهون ٿا پيا.

آ! ڦُري وڃ اسان ڪان اسان ڪي سڄو،
چور تنهنجي ئي ٿَر ۾ رهون ٿا پيا.

زندگي ٿي پُڇي روز ڦِٿڪي مون ڪان،
پاڻ ڪهڙي قهر ۾ رهون ٿا پيا.

موت پنهنجو ڪري جاءِ ڏي ڪا جُڙي،
هت ڪرائي جي گهر ۾ رهون ٿا پيا.

ماڪ موتين جا منظر صبح ڳوٺ ۾،
سوچ ساڳي ، پهر ۾ رهون ٿا پيا.

دربدر منزلن ڪان ائين بي خبر،
عشق تاڻي سفر ۾ رهون ٿا پيا.

www.sindhsalamat.com

رمز انهيءَ ۾ خود کي ڪاهيون آءُ وَري،
چاهت جو ڪو رشتو ناهيون آءُ وري.

ننديپڻ يادون ميڙي نِم جي ڇانوُن ۾،
جهُور اکين جا ٽڪ کي لاهيون آءُ وري.

ماءُ سڏي ٿي پيار منجهان گهر موٽي آ،
جيجل پير ۾ خُلد ڪمايون آءُ وري.

مور منا تون وسريو ناهين مَج هاڻي،
دل ۾ تنهنجون اڄ پيي جايون آءُ وري.

گل ٿو چاڙي ڪير هوا ۾ ٿهڪن جا،
ڪنهن جو آ محبوب ڳَنايون آءُ وري.

رسمن جي ديوارن پويان هوءَ باندي،
هر هر ڇَئي ٿي چاھ نپايون آءُ وري.

جيون ڪلندو ملندين جيڪر محبوبا،
آس انهيءَ تي جيئرا آهيون آءُ وري.

ڪيئن چوان پنهنجو قِصو هو عام ڪو،
ڪيئن گذاري تو بنا ٿو شام ڪو.

ورِد جاري تنهنجي ئي آ نانءُ جو،
پل بہ ناهي تو بنا آرام ڪو.

مان رهان مدهوش جيڪر عمر ڀَر،
يار نيڻن سان پياريو جام ڪو.

مسرتن جا گل سمورا ويا ڇڻي،
زندگي جي پيو لُڏائي لام ڪو.

خودڪشيون محبوب ٿينديون ٿيون وجن،
روز ڏي ٿي مُفلسي ماتام ڪو.

زرد آهن خواب ڪان خالي اکيون،
هاڻ ٿيو آ نيهن ۾ ناڪام ڪو.

وقت وڃائي نڪري ويو آ،
جيون ،گهائي نڪري ويو آ.

پاڻ رهياسين سچ تي پر ڪو،
ڪوڙ ،ڪمائي نڪري ويو آ.

چنڊ حياءَ جا بادل اوڍي،
ڪيئن شرمائي نڪري ويو آ.

شام ڏسي تي اڄ هو ٻاهر،
سُرمو پائي نڪري ويو آ.

عشق اکين کي ٻُوسا ڏيندي،
ننڊ ،اُڏائي نڪري ويو آ.

دردن جي دنيا مان امداد،
پير پچائي نڪري ويو آ.

واسطا ٽوڙي ،جدا ٿيندو ويو،
درد دل جو ،لادوا ٿيندو ويو.

تونہ ڪا جهاتي ڪڏهن پاتي مٿي،
ڳوٺ ۾ ڳيرو ،ڳپيا ٿيندو ويو.

مان نيائڻ جا ڪيا پورا جتن،
هو رڳو ئي بيوفا ٿيندو ويو.

ماءُ جو ڳوڙهو ڪِريو جئين فرش تي،
عرش تي سوئي ،دعا ٿيندو ويو.

سرد راتين ۾ اڪيلو تو بنا،
من ڊسمبر هو ،سزا ٿيندو ويو.

سانڍي هيڏا ،سور حياتي،
ٿڪجي پئي آ، جهور حياتي.

پوڳي ويٺي خاموشين سان،
دنيا جا ،دستور حياتي.

وڻ کان ڪٽجي لام بڻي آ،
هيڪل توکان ،ڏور حياتي.

ڳولي رکجان من ۾ اهڙو،
مقصد ڪو ،مَنشور حياتي.

پالي ٽڪندي پاڻ هِجر ۾،
اُلڪا ،اُڌما ،پُور حياتي.

ڦٽ پاٽن تي سمهندي پنهنجي،
گهاري ٿو ،مزدور حياتي.

عيد تڪي امداد اجان پئي،
لڙڪن ۾ ،عاشور حياتي.

پارسائي جون حدون

چاندي چاندي ،وار جواني ڪاڏي وئي،
ڳولين ٿو اڄ ،يار جواني ڪاڏي وئي.

راتين جو فانوس هٿن ۾ لوڏيندي،
سوچيو ،چوڪيدار جواني ڪاڏي وئي.

چادر اُوڙهي لاچارين جي بستر ۾،
پُڇڪي ٿو ،بيمار جواني ڪاڏي وئي.

چڙهندو هو سج روز سڪي جي لالي جو،
چوريءَ چا ،سينگار جواني ڪاڏي وئي،

لفظن جي محبوب سفر ۾ ٿيو گم آ،
اٽپورو ،اقرار جواني ڪاڏي وئي.

هٿ ڪي هر هر لوڏي راند رچائڻ لاءِ،
ڏوٽن ٽا ڪي ،ٻار جواني ڪاڏي وئي.

عينڪ جي آڌار جيئاري نيٽن ڪي،
ڳٽجن ٽا پل ،چار جواني ڪاڏي وئي.

www.sindhsalamat.com

تون اجان ڪنهن خواب جو پيڇو ڪندين،
مان هلان ٿو جاڳ جي هُن ماڳ تي.

ڪيترو پٽڪي بدن ۾ عاشقي،
ڪيترو ماتم ڪجي ڏس ڀاڳ تي.

دل ڏُکيل تو وٽ ڪٽي پهتو هيس،
پر نہ تو ڄاتو هيو من آڳ تي.

پارسائي جون حدون ٽوڙي وري،
رقص اوتيو تنهنجي آ مون، راڳ تي.

اڄ ڪويتائون ڪٽي آئي هوا،
گيت لکجن ٿا دلين جي، داڳ تي.

ناخدائي جا وهائي لڙڪ هو،
روز پيو سوچي دنياوي، هاڳ تي.

ڏسي جي مُرڪي تہ ڳالهہ بڻجي،
فقير دل جو پيي حال بڻجي.

نظر جا سجدا ڪندو رهان ٿو،
حسن جي پوڄا ڪمال بڻجي.

جناب نظرون مٿي ڪٽو ڪجهہ،
غزل غزل هي خيال بڻجي.

ڇيو پئي دلڙي ڏُکي هرڻ جو،
ڪنهن شير آڏو اُڇال بڻجي.

اي منهنجا مالڪ مهر اوهان جي،
ٻُکي بدن جي ڪا ڍال بڻجي.

حيات هر هر اسان جي سامهون،
اهو ئي اُوکو ٿي سوال بڻجي.

جا نہ جيئان تو ڪاڻ حياتي،
کهڙي ڪم جي هاڻ حياتي.

چارن ۾ چانڊوڪيءَ پاسي،
ڇِرڪي پئي ڇا ڪاڻ حياتي.

اڇبو توڏي هر هر سائنڻ!
جيسين هوندي ،ساڻ حياتي.

لمحو لمحو پئي ٿي گذري،
سور غريبن ڪاڻ حياتي.

هارياڻي جي تن جو چولو،
ڦاٿل ڪو ،پهراڻ حياتي.

يار وٺيندي گذري وئي آ،
يادن جا هي واڻ حياتي.

اڄ تہ ڪناري ويهي ماڻيون،
موج سندي ،مهراڻ حياتي.

من ۾ ماتم سئو برپا من ڇا سمجهان،
خوابن پويان نيڻ ،فدا من ڇا سمجهان.

جڳ جي ريتن رسمن آڏو مان سَرتي،
پنهنجي چاهت، پيار ،وفا من ڇا سمجهان.

رات ٻري ٿي چنڊ ستارا جُهول ڪٽي،
مون وٽ لمحا گُهگهه سدا من ڇا سمجهان.

حق جا نعرا هٽندي باغي سڏجون ٿا،
وک وک ڦاهيون گهاٽ ،اڏا من ڇا سمجهان.

روپ مسيحا ۾ مون گهارڻ ڄاتو هو،
دنيا جا هِن درد ،وڏا من ڇا سمجهان.

عرض ڪٽي امداد رسيو هو در تنهنجي،
دَر جو سمجهئي ڪِين ،گدا من ڇا سمجهان.

اکين ۾ اُداسي جو عالم ڏِسي،
لڳو غم مونکي آ تنهنجو غم ڏسي.

وَري درد ۾ پاڻ کي ٿو رکان،
مِني! تُنهنجي هٿڙن ۾ مرهَم ڏسي.

جواني جي جهولي ۾ هيڏا گناھ،
پيو هان مان روئي سندو کم ڏسي.

هِتي روز رستن تي لاشا سوين،
اَلا! اُپ ٿو ڦاٽي هي ماتم ڏسي.

فلک جا نظارا ٻہ ڌرتي چُمن،
گلن جي حُسن تي هي شبنم ڏسي.

رکون دل جي دنيا ٿا آباد منَ،
سوين يادگيرين جا البم ڏسي.

بهارن ۾ امداد مُرکي ٻہ ڪيئن،
دلين جي تہ مايوس موسَم ڏسي.

ڇئہ مَن! ڪنهن کي چاهيون هاڻي،
جڳ جهڙا هِت ، ناهيون هاڻي.

ناقص سوچ وري ٿي سنبري،
واريءَ جا گهر ڻاهيون هاڻي.

پرت پيارا پار هليا ويا،
ڪنهن لئہ نيڻ وڇايون هاڻي.

مومل هڪڙي دل ۾ پنهنجي،
ڪنهن ڪنهن کي ڏئي جايون هاڻي.

نيڻ بنجر ٿيا خواب ٻِنا هِت،
آس اُتي ڪجھ ،ڪاهيون هاڻي.

هي ٻہ ڊسمبر تنها گهاري،
سيڪ برھ جون ،ٻاهيون هاڻي.

نڪتيون آهن ڪونج قطارون،
ساڻ مَٽن سان مايون هاڻي.

درد ڪٽي امداد لکي ٿو،
گيت غزل کي ،وايون هاڻي.

هِن جواني جون سيئي مَستيون ڦُري،
وقتُ وارن ۾ ويو چاندي ڀَري.

يار مُنهنجي مُفلسي مونکي سدا،
ڳوٺ پنهنجي کان رکيو آهي پري.

دلُربا جي دل اندر ڀُلجي ڪڏهن،
مَن منهنجي ياد جو ڏيئو ٻَري.

زندگي بي رنگ آهي اُن ڪئي،
جيڪا ڪٿ تي ڀرت ٿي ويٺي ڀَري.

درد ۾ مونکي رهڻ منظور آ،
دوست تُنهنجي دل اگر جي پئي ٺري.

چاهتن جا محل ويا ميسارجي،
روز ڳٽتين ۾ پيو عاشق ڳري.

ناچڻي جا ناز روئن ٿا پيا،
سُر سمورا ساز روئن ٿا پيا.

تون پيو روئين لڳي ٿو دلرُبا،
موسمن جا راز روئن ٿا پيا.

مور جا مايوس ٿر جي پياس ۾،
اڻ ڳٽيا انداز روئن ٿا پيا.

سار جي ساڳي سلامت آ جهُڳي،
آءُ ڪي ايلاز روئن ٿا پيا.

هِن حُسن جي ڏاڍِ ماريا ڪيترا،
دل ڪٺي دمساز روئن ٿا پيا.

نگاهه سجدو نماز ڪونهي،
جيئڻ جو ڄڻ ڪو جواز ڪونهي.

وري وري تون تڪين پيو ڇو،
اکين ۾ اهڙو ڪو راز ڪونهي.

اي ڳوٺ تنهنجي سحر ۾ هاڻي،
پکين پروڪو آواز ڪونهي.

سڙون ٿا رُت جي رقابتن ۾،
پر نينهن ڪنهن جو نواز ڪونهي.

اڃان لکڻ ۾ اَبهم لڳون ٿا،
فهم اسان جو فراز ڪونهي.

پارسائي جون حدون

واهه! اوهان جي ياري نڪتي،
مُٺ مان ڄڻ ڪا واري نڪتي.

منهنجا سارا خواب لتاڙي،
ڳوٺ اوهان جي لاري نڪتي.

ڪجهه چورا ٽاڙي بيٺا،
گهر کان ٻاهر ناري نڪتي.

تارن ۾ ڇيئوٻول مٿل هو،
رات آ ڪيڏي ڪاري نڪتي.

هُن جي گهر مان تحفا نڪتا،
ساڻ گلن جي ڪاري نڪتي.

دين ملان جي ڳالهين ۾ هو،
دل ۾ دنيا داري نڪتي

ڪوڙ اُداسيون ارپي من کي،
جيون مان هي ڏياري نڪتي.

www.sindhsalamat.com

مان جيئان مَن زندگيءَ سان ٺاهه ٺئي،
سونهن سَرچي عاشقيءَ سان ٺاهه ٺئي.

جڳ منجهان ڪل ڪُلفتون هي دور ٿين،
آدمي جو آدميءَ سان ٺاهه ٺئي.

نيڻ خوابن ساڻ گڏجي ٿهڪ ڏين،
رات جيڪر ننڊ منٺيءَ سان ٺاهه ٺئي.

گيت سِهرا خوب ڳائي مان نَچان،
بس رُڳو هُن پوپريءَ سان ٺاهه ٺئي.

هارجي ڳوڙهن سان پئي آ التجا،
دلرُبا اڄ دلبريءَ سان ٺاهه ٺئي.

درد پالي دل وئي آ چُور ٿي،
ڦٽ ڀُرن تا ڪنهن ڦڪيءَ سان ٺاهه ٺئي.

لوڪ جي ٺُوڪر ڪان بهتر آ هِتي،
هاڻ پنهنجو مئڪشيءَ سان ٺاهه ٺئي.

دل انهي احساس کان آري نہ ٺئي،
پيار کان وڌ ڪا بہ شيءَ پياري نہ ٺئي.

تيز ڇوليون نفرتن جي سمنڊ جون،
خوف آ چاهت جو گهر واري نہ ٺئي.

يا خدا رشتن ۾ قائم رک پرم،
پيڻ پنهنجي پاء هٿان ڪاري نہ ٺئي.

پهچ کان آهين پري آڪاش ڏي،
چنڊ توسان ڪاش ائين ياري نہ ٺئي.

مون جيان ڪنهن جي بہ شل منهنجا خدا!
غرق غم ۾ زندگي ساري نہ ٺئي.

دل جا ٽڪرا ۾ سوين ڳوڙها ڪٽي،
ائين ڪا پرديس ڏي تياري نہ ٺئي

درد دل ۾ اچي هاڻ ديرو ڪيو،
پاڻ کي پاڻ آئت ڏيان مان پيو.

سوچ ۾ هو تہ آزاد آهي ڪوَي،
هُن تہ پڙڪو هٽي آسمان کي ڇُهيو.

پنهنجي معصوم جذبن جي قتلام تي،
دل اچي دوست آڏو تہ ڏرٽو هنيو.

نيڻ راهن ۾ ٻاري رکڻ جو چَئي،
چندَ يادن جا من تي اُپاري ويو.

سنگدلي جا سمورا زمانا ڪٽي،
بي رحم وقت رهزن اسان لاءِ رهيو.

جهار ڪائي سجو ٽي فصل او ابا،
ننڍڙي شاهو آ رڙندي پيءُ کي چيو.

ربط قائم رکڻ جا قسم ٿو ڪٽين،
ڳالهہ تنهنجي بہ ڏسنداسين دلبر ٺهيو.

پنڌ اُگهاڙا پير وفا جي رستي ۾،
اُلڪا اڏما ڍير وفا جي رستي ۾.

عرصي ڪان پئي پالي ويٺي دل پنهنجي،
ماڻهن جا هي ،وير وفا جي رستي ۾.

پنهنجي آ هٿ جوڙ پرين! هِت هر ڪنهن سان،
کهڙا پنهنجا ،غير وفا جي رستي ۾.

من جا هِنِ مجذوب ارادا منزل ڏي،
چمڪي پئي ٿي ،چير وفا جي رستي ۾.

نيڻن جا ڪشڪول ٿمي ٿيا خالي ها،
دلبر تو ڪئي دير وفا جي رستي ۾.

چاهت جي گهنگهور گهٽا ڪو آچيندو،
توبن هاڻي ،ڪير وفا جي رستي ۾.

عيش عِشرت جا ماڻهن به اوتر رکيا،
مون جواني جي سيني تي پٿر رکيا.

لوڪ فيشن جي نازيب ماحول ۾،
سادگين جا ته مون پوءِ به ساگر رکيا.

پنهنجي نيڻن جي دنيا ۾ او سانوري!
تنهنجي محبوب چاهت جا منظر رکيا.

هو ته پنهنجي شهر ۾ رهيو اجنبي،
هُن چو جيون ۾ موهن جا کنڊر رکيا؟

يار! هڪڙو ئي پيرو تون پڙهجان اچي،
اهڙا احساس آهن مون سُندر رکيا.

هِن ڦُوهه جواني جو ارمان پيو ٻُڌاري،
هڪ درد جي گهيري ۾ شب، روز پيو گهاري.

محبوب جي يادن ۾ هر ويل لُڇان ٿو مان،
افسوس مگر ساجن هڪ پل به نٿو ساري.

اڄ ڪوته هِتي روڪي هي شوق شڪارين جا،
نه ته ڏنڊ ۽ ٻيلي جي هي سونهن ويندا ماري.

تون هِيل نه آيو هين هِن سرد ڊسمبر ۾،
ڪنهن ڳوٺ جي مُومل جا پيغام ڏنا سياري.

معصوم ذهن جنهن جو هر سوچ کان خالي آ،
اسڪول وڃڻ بدران هُو مال پيو چاري.

ڪينواس ٽُٽل دل جو منظر به ڪيئن موهِن،
ڪي رنگ مصوّر جا آ، ڪو ته ويو هاري.

هِن لوڪ محبت جو مفهوم ئي ماريو آ،
امداد دلين ۾ ڪو احساس نٿو ڏاري.

درد کان آجو ٿيڻ جي آس تي،
زندگي گھاريان پيو وشواس تي.

خواب اُٽندي دل چري ڄاتو نہ هو،
ننڊ نيٽن جي ٿنگيل آ ٿياس تي.

کيئن چٽيان منظر اکين کي آب ڏئي،
عڪس سارا بي رنگا ڪينواس تي.

ووٽ خاطر گھڻ گھرو ٿي وڏو،
ميڙ پيو ميڙين سندي بڪواس تي،

مر وڃي مزدور جو پورهيو گسي،
حق ڦٻائڻ تو گھرين ڪنهن قياس تي.

آ اچي بُوسن جي بارش هاڻ ڪر،
ضبط ناهي ڪو رهيو هِن پياس تي.

ڪا دوا ڪانہ ٿي درد وڌندا ويا،
ڪنهن نہ پنهنجو ڇَيو ڪنهن نہ ڳوڙها اُگھيا.

بي وجہ بي رُخيون لوڪ مون سان رکيون،
پوءِ بہ ويچار ڪنهن لاءِ ميرا نہ ٿيا.

هُن کي رکڻو پيو عاشقي جو ڀرم،
درد ميڙي سمورا ئي دل ۾ رکيا.

انتظاري جي رِڻ ۾ رُلن ٿيون اکيون،
پنڌ تنهنجا پنهل مون پئي ڪيچون پُڇيا.

اڏ وهيءَ ۾ غريبي جون لوليون ڏئي،
رات جيجل سمهاريا هَا ٻچڙا بکيا.

داد جو شبدّ آ ڪين هُن کان مِليو،
گيت وايون غزل مون ها جنهن لئہ لکيا.

يادگيرن جا ڳوڙها اجا ڳاڙيان،
تو پُڄاڻان اجا پيار ناهِن گھٽيا.

ڪوٺ اچي هي جاڳ اسان جي ننڊ ندي جي ڪُن ۾ لاهي،
ٽڪجي پيو هان آٿت ڏيندي، پاڻ دلاسن ۾ دل ناهي.

پوپٽ جي ته رنگين پرن تي، گيت نظم جڻ اُڪريل آهن،
شاعر روح هميشه ، تنهنجي گلشن ڏي ٿو دلبر ڪاهي.

ميڙ ڪٺي اڄ پُهتو آهيان، چنڊ انهن جي آڳر تي مان،
تارا پيي گڏ آهن مون سان، شال پرين ڪو نينهن نباهي.

ٽاڪ لهن تا شام سندا هي پنڇي پنهنجي آکيري ۾،
هوُ رولاڪ دڳن تي هيڪل، هلندي هلندي وک ٿو، ساهي.

راڳ جنم جي هر ميلي ۾ جوڳي منڙا آلاپي ٿو،
رڳ رڳ ۾ درويشي ڦوڪي، انت ليڻ ڪان آري، آهي.

پئسي جي وشواس چڏيو آ، رت جي رشتن ڪي هِت ٻوڙي،
ڪوڙ ڪچو آ پاڻ ئي پُرندو ،هيلا ڪو به هلائي چاهِي.

غم جي سامهون مُرڪي هر هر گذري ٿو امداد اڪيلو،
مايوسين ڪان منهڙو موڙي، دردن جون ديوارون ،ڍاهي.

پارسائي جون حدون

ڏور پڇي تي ،ڏر ڪان جيڪا،
وچڙي ڪونج ،ولر ڪان جيڪا.

ڪاش ڏسين ها اک جا اُلڪا،
روز اُتي هئي ، دَرڪان جيڪا.

پئسن عيوض پرڻائي ويئي،
ڪنوار ننڍي هُئي ، وَر ڪان جيڪا.

غم تو ٻوڙي آس ٻڏي تي،
ٿورو دُور ، ڪپر ڪان جيڪا.

سَار متيءَ جي پنڌ پئي آ،
مون سان گُوٺ ، ننگرڪان جيڪا.

گيت غزل جو رُوپ ٻٽائي،
اُوريم ڳالهه ،اندر ڪان جيڪا.

هُن جو نينهن تماشو ٻڻبو،
نڪتي آ هُوءَ ، گهر ڪان جيڪا.

www.sindhsalamat.com

جھُرندڙ اکين ۾ ڪيڏو لڙڪن جو قافلو آ،
من ۾ مگر مون سانديو ساڳيو ئي حوصلو آ.

دنيا جي بي حسَي جو ڪنھن سان ذڪر ڪجي ڇا،
ھر شخص پاڻ پنھنجو، محبوب ،پرجھلوآ.

لفظن جي دائميت ئي شاعر جي روح سمجھيو،
باقي سماج سارو اندران تہ ،کوکلوآ.

چاھت جا روڳ پالي لڙڪن جا سوڳ پالي،
پنھنجي نياه پويان عاشق ھي ھيکلوآ.

جنمن جي تياڳ جھاڳي، منزل تي پھچڻو آ،
دل جي اُڪير جو ھي دل سان ئي فيصلوآ.

اڄ پي صنم اسان جي جيون جي جھوپڙي ۾،
تنھنجو قسم تہ تُنھنجي يادن جو ،سُوجھروآ.

پارسائي جون حدون

خواب ڳوڙھن ۾ ھاڻ ڳايو آ،
بار دل جي مٿان سوايو آ.

عشق اُڏمن جي راند ۾ قاتل،
نيھن پوءِ پي تہ مون، نڀايو آ.

گھر جي آڳر تي ٻارڙن سان گڏ،
روح ڪيڏي تہ مَس ڪِلايو آ.

ماڪ پيتل صبح جي ھر منظر،
تنھنجي سجدي ۾ سَر جھڪايو آ.

لوڪ اُلجھي ٿو ھِن فقيرن سان،
ڪير سمجھي تہ ڪنھن رلايوآ.

وار کولي رکين ٿي پاسي تي،
چڻ تہ بادل وسڻ تي آيو آ.

گيت سرجڻ ئي پنھنجو سَرمايو،
قرب لکندي ئي مون ڪمايو آ.

www.sindhsalamat.com

رڳو جي لڙڪ ويهي لاڙجن هَا،
ته هيڏا حوصلا ڪيئن ڏارجن ها.

وَري مدهوش ٿي هِن عاشقيءَ ۾،
وري باهيون ٻرهه جون ٻارجن هَا.

حياتيءَ کي سجڻ سُندر ڪرڻ لاءِ،
گهڙيون توساڻ ويهي گهارجن ها.

توسان باغي نه ٿئي ها تَر وڏيرو،
توڪان جي پاڻ واعدا پاڙجن ها.

ڳوناٽي شام جون لاليون وساري،
شهر جون رونقون ڪيئن سارجن هَا.

عجب هِن ديس ۾ نفرت وَسي پئي،
هِتي چاهت سَندا بند چاڙهجن ها.

اکين بي تاب سئو سپنا سَهيڙيا،
اهي امداد ڪيئن سي هَارجن هَا.

ڳُڳهه نظر کو انت ، لَهي هَا،
جيڪر هڪڙو ديپ ،جلي ها.

تيز دنيا جي تاجر آڏو،
هي ته اياٽپ ڪِين ، هَلي ها.

يادون سپ ،دفنايون چو تئي،
هير ڏکڻ جي نيٺ ، گهُلي ها.

ڪاش ڪڏهن محبوب اندر ۾،
تانگهه رکي مون ساڻ ،مِلي ها.

وقت سنديون هي تلخ گهڙيون سپ،
ساڻ ڪٽي کو ڪيئن،ڪِلي ها.

تون نه لُٽين ها جڳ سان گڏجي،
خواب اکين ۾ کو ته ، رهي ها.

آس ڪڏهن جَرڪائڻ خاطر،
دل ۾ اُجري باک، ڦُٽي ها.

ڏاڍي ڪڙڪيو آ ٽرٽلو آهي،
باز جهرڪي پٺيان، لڳو آهي.

تنهنجي يادن جو ميڙ آ، هُن سان،
ڪيئن سمجهئي ته، هيڪلو آهي؟

گل ته نازڪ نفيس ٿيندو آ،
تو ته پاڙون ڪٽي، پٽيو آهي.

ياد ناهي ته هِن مسيحائي،
سور ڪنهن ڪنهن جو هِت، سَٺو آهي.

زرد شامن مان خيال ميڙيندي،
درد جو ڪو غزل، لکيو آهي.

لڙڪ لاڙي تي ٻَل مٿان چوري،
رنگ هولي جو غم رتو آهي.

دوست دنيا جو خوف ٻوڙي ٿو،
عشق ڪيڏو اجان، ڪچو آهي.

مجان ٿو مُجرم اڳي ئي آهيان وري نئين ڪا، خطا ٿيڻ ڏي،
فنا ته آخر فنا ئي رهندو، وجود وڪري، وفا ٿيڻ ڏي.

اسان جي چاهت جي ضبط آڏو ستم ظريفي ته ڪجهه ٻه ناهي،
سڙي سڙي ڪجهه پچڻ گهري ٿي، ڪنور دل ڪي، سزا ٿيڻ ڏي.

ميهار من ۾ چڙا وڄن ٿا اجان ٻه سُهڻي جي سَار جا ڪي،
امرعبادت اُڪير پل پل مُحبتن مان، ادا ٿيڻ ڏي.

غليظ رسمون ڪٽي جيئن ٿا حقيرتنهنجي نگر جا ماڻهو،
انا جي سوداگرن ڪان هاڻي صنم اسان ڪي، جُدا ٿيڻ ڏي.

غضب تماشا ڏسڻ گهرن ٿا فقير نيڻن جا آستانا،
عقاب نظرون پَلي جهٽن پيون حسن تي هر هر، فدا ٿيڻ ڏي.

اسان ته پنهنجي هٿن سان پنهنجي جوان جذبن جو خون ڪيو آ،
اُجاڙ هستي ڪي ماٺ ۾ ڪو خوشي جو لمحو، عطا ٿيڻ ڏي.

هزار سجدن مان نيڪ سجدو ڪڏهن ته هِتڙي ادا ٿيو هوندو،
ڏکن جا پاڇا هي نيٺ لهندا اکين جو ڳوڙهو، دعا ٿيڻ ڏي.

فتنو فساد جاڳي پيو،
توبھ تضاد جاڳي پيو.

غربت عيان ڏسي تنهنجي،
آخر جواد جاڳي پيو.

جيجل هٿن سان ڪارايو،
ساڳيو سواد جاڳي پيو.

سوچو لٽيون بحر توڙي،
هوڏانهن نقاد جاڳي پيو.

پنهنجي ملڻ جي موقعي تي،
ويڙهو جلاد جاڳي پيو.

اسان کي هِت جيئڻ جي ڪا اُميد يار ڏئي وڃو،
گھُٽيو آ من پري گھٽو ،اچي ڪو ،پيار ڏئي وڃو.

هي شهر پنهنجي زندگي جي ماٺ کي وٽيو نہ آ،
خَموش پل کي ڳوٺ جا، جنم ۾ چار ڏئي وڃو.

گلن جي زندگي پُنيان، خزان اُٿي تي سازشون،
ٻَڪي ٿو روز درد و غم ، نئين بهار ڏئي وڃو.

ننگي بدن جي التجا، تڪي ٿي روز سمنڊ ڏي،
خدارا پنهنجي ٻاجھ سان پري ڪو چار ڏئي وڃو.

ابَهم ،اَجهل وجود ڪان، ڏراڙ جو لقب ڳسي،
هٿن ۾ ڪنهن ڪتاب جو، هُجي تہ ،بار ڏئي وڃو.

قلم ڪٽي مان ڪيف مان، لکان غزل ۽ گيت ڪو،
اوهان بہ پنهنجي مُرڪ جو ذرو ،خمار ڏئي وڃو.

هي شام هاٿي ڳوٺ جي، مونکي لڳي ٿي ماتمي،
سُجهي پئي سانجھ اجنبي، سُرهي ڪا ،سار ڏئي وڃو.

دنيا دين ڌرم کي ٽوڙي،
دل پئي هاٽي دل سان جوڙي،

ننهڻ اُس ۾ سايا ايريا،
يار! گهُميو پئي ڪاڪل ڇوڙي،

ٻالڪپڻ ۽ جواني جذبا،
وقت وجي ٿو ڇا ڇا ، ٻوڙي،

توڪي ساري تير نظر جا،
مان ويهان ٿو چنڊ ۾ ڪوڙي،

دنيا کيل تماشو آ، ڪو،
جنهن جي پويان جڳ ٿو ڊوڙي.

آس ڪنڌي تي بيٺل سَرتي،
واڳ ورڻ جي مَن هو موڙي.

.

وفا ۽ پيَرم جو مان ڪنهن کي ٻُڌايان،
دنيا جي الم جو مان ڪنهن کي ٻُڌايان.

نہ سرجي ٿو قصو زُليخا ۽ يوسف،
قتل ٿيل هِن جو مان ڪنهن کي ٻُڌايان.

حياتي جي دڳ ۾ جواني جو لُٽجڻ،
غلط فن فهم جو مان ڪنهن کي ٻُڌايان.

نہ ڪر مون سان ماٽا سريلي او سرتي!
اُنهي من ستم جو مان ڪنهن کي ٻُڌايان.

اچي تون ئي جيڪر دلاسو نہ ڏيندين،
دوا مَن مرهَم جو مان ڪنهن کي ٻُڌايان.

اَمن کي اُجاڙي وِڏو آهي وِيرن،
هِي بارود ۽ بَم جو مان ڪنهن کي ٻُڌايان

هر گهڙي ظُلمتن جي تي ڪاهي هِتي،
زندگي جي پُنيان موت آهي هِتي.

پل فنا کي نہ انسان سمجهي فنا،
پر فنا کي بقا ڪا بہ ناهي هِتي.

لام چا پر سڄي وڻ جي پارت اَٿئي،
يار جهرڪي پلي گهر تہ ناهي هِتي.

پيار بدران اٿئون نفرتون جابجا،
پل ڏسو چونہ ڪنهن کي بہ چاهي هِتي.

چا ٻڌايون قصا پيار پرچاءُ جا،
لوڪ دل تان نٽو مير لاهي هِتي.

دل جا احساس امداد لکندو پيو،
بي رحم پل زمانو تہ ڍاهي هِتي.

طرحي غزل

افسوس سوين ڳوڙها ارمان کٽي آئي،
دل سوز سڙي سک جا سامان کٽي آئي.

هَر رات اورانگهي تو ، ڪو چور پرائو گهر،
هي لوپ ڪڏي رستي انسان کٽي آئي.

بيدار عقل پنهنجو اڄ پوءِ بہ ٿيو ناهي؟
هي سنڌ ڪنل پٽڙا کي جوان کٽي آئي.

بي رنگ حياتي جو ڪو حال رهيو ناهي،
هر ويل غمن جي آ ويران کٽي آئي.

ملاح وري مونجها هي مُند وري تِن لاءِ،
سيلاب کٽي آئي طوفان کٽي آئي.

سئو خواب گلن جهڙا بازار ۾ هوءَ وڪٽي،
بس آس ٽٽل خالي گلدان کٽي آئي.

مان چند ڇَئي جنهن کي امداد چُمڻ چاهيو،
هوءَ يار حجابن جا اعلان کٽي آئي.

هيڪلاين جو سفر سهنجو نہ هو،
ڪو هِتي پرديس ۾ ، پنهنجو نہ هو.

دل جي الفت جا ڪنيا ها بَار سَوَ،
ڪنهن نظر بيتاب ڪي سمجهو نہ هو.

هاڻ دنيا ڪان سِکيو آ ڪلفتون،
اڳ تہ اهڙو يار جو لهجو نہ هو.

رات پيي تو وٽ اچي ها چنڊ پر،
بادلن جي اُوٽ مان آجو نہ هو.

هو مقدر جو مليل ايذاءُ ڪو،
چا ڪجي ڪو ڏوهہ پيي ڪنهن جو نہ هو.

منزلون امداد ماڻيون ڪيتريون،
پر اجان ڪنهن دل جي هُو ويجهو نہ هو.

پارسائي جون حدون

دل ڪي ڏي دلجاءِ مسافر،
جذبا ڪجھ جاڳاءِ مسافر.

صحرائن جا پنڌ بہ ڪُٽندا،
اڳتي وِڪ وڌاءِ مسافر.

مايُوسين جي مُند اُجهائي،
محنت جا گُڻ ، ڳاءِ مسافر.

دنيا ڪيل گهڙي ڪن آهي،
پنهنجي بي ڪا جاءِ مسافر.

هلڻو آ امداد اڪيلو،
پيچ نہ ڪنهن سان پاءِ مسافر.

www.sindhsalamat.com

عرض آ، انسان بخشيو،
چاهتن کي مان بخشيو.

ساحلن جي سِڪ اسان کي،
ڪيترو طوفان بخشيو.

دل لڳائڻ جي خطا تي،
سونهن جا سُلطان بَخشيو.

دربَدر آ درد پنهنجو،
ڪا دوا ڏئي دان بخشيو.

پنڌ صحرا دور منزل،
حوصلن ۾ جان بخشيو.

تو تہ هيڏا لڙڪ ڏيئي،
مُرڪ جو فُقدان بخشيو.

آخري امداد ڪامل،
يا خدا ايمان بخشيو.

برباد حسرتن جا لاشا نہ تو ڏِٺا هِن،
منهنجا هي نيڻ آتا پياسا نہ تو ڏٺا هِن.

مغرور مست آهي تنهنجو شهر بہ تو جان،
منهنجي نگر جا ماڻهو سادا نہ تو ڏِٺا هِن.

اُلفت جي بيوسين کي دلبر ڏٺو توآهي،
سُڏڪن ۾ سَار جا پر پاڇا نہ تو ڏِٺا هِن.

نازن مان ٻانهن لوڏي آئين گهٽين مان ٿيندو،
مجنون هزار پويان ، پهتا نہ تو ڏِٺا هِن.

بدحال عشق ۾ ڪي عاشق مريض ماڻهو،
امداد زندگي ڪان آجا نہ تو ڏِٺا هِن.

نہ جيون ۾ ڪو سُوجهرو ٿو سُجهي،
نہ نيڻن ۾ خوابن جو پَل ٿو پَچي.

حياتي جي زخمن جو مرهم ڪٿي،
صنم ڏَر نگاهون مون ناسُور تي.

مڙئي ڏينهن مُرڪن جا باندي بڻيا،
رُڳو روڄ راڙي ۾ رُت پئي رَچي.

مُساڳي چپن جا پرم ياد پيا،
محبت ڪا من ۾ اجان پئي ڏُڪي.

اجايل هرڻ جي نگاهن ڪي ڪا،
شڪارڻ ڏسو تير ويني ڪَڇي.

مان انسان آهيان تڏهن پيو ڏُڪان،
هي احساس هٿ سان دفن ڪيئن ڪجي.

ترانو گهران موڪلائڻ سندو،
مسافر تتل دل سان وينو لِڪي.

ڪونہ ساري ٿو جهان جي ڪا خوشي،
من جيئڻ جي آس ڪي جهُرندو ڏسي.

وقت پائيندو ويو ويچا ڏِگها،
تو بہ جانان تنگ ڪئي هئي دل لڳي.

سَار جون سڀ موسمون آباد رک،
نيٺ تنهنجي نانءُ ٿيندي عاشقي.

تلخ لهجن ڪان ڏِنل آهيان گهڻو،
پيار ٻولي چو نہ ٿو هي آدمي.

ڪير سمجهي ڪير ڄاڻي لوڪ کي،
دوست پالي ٿو اندر ۾ دشمني.

پياس جيڪا پاند ۾ آ مون ڪنئي،
هاڻ تاريندي اِها ئي تشنگي.

ائين گر اوهان جي عنايت رهي،
پرين غم هزارين پوءِ ويندا ، لهي.

اُو محبوب! منهنجي اکين ۾ سدا،
اوهان جي هُجڻ جي تمّنا هُئي.

لفافي ۾ کو بند خط مان هجان،
ڏنو کين کولي کڏهن کنهن، پڙهي.

منا شعر ، شاعر ٿو زنده رهي،
کيئن ڳالهه سمجهي پيلا لوڪ هي،

پراڻيون کهاڻيون صحيفا قصا،
ٻڌايا ها ڏاڏي ڪڳن ۾ ويهي.

اوهان جو ويو ڇا پرين پيار ۾؟
حياتي ٿي برباد هن جي وئي.

هوائن جي سامهون کي ڏيئا ڪٽي،
اِها همت امداد ڪيڏي ڪئي.

پارسائي جون حدون

رَمتو جوڳي راڳ اکين ۾،
جَرڪي پئي آ جاڳ اکين ۾.

درد وڇوڙا جيون سارو،
تن من تڙپيو، تياڳ اکين ۾.

سون سمورو سوڍل آهي،
مون لا منهنجو ماڳ اکين ۾.

ڪَڙ تي ڪپڙا ڏوئڻ آئي،
چاهت ماڻي داڳ اکين ۾.

پير پَساري اڳتي وڏبو،
ويرانين جي واڳ اکين ۾.

سونهن ستارن جهڙا آهن،
تنهنجا سارا ڀاڳ اکين ۾.

www.sindhsalamat.com

جهُرندڙ اکين جي رستي ۾ دل جو تباهہ رُتبو هو،
سائي حيات ئـِر ٿي وئي جنهن ۾ اٿاهہ جذبو هو.

يادون کٽي اگڻ لَهندو چوڏهين جو چنڊ هِن پيري،
چاهت جون چانديون ڪيڙي مجنون ٿي ڪنهن سان مِلبو هو.

مَن سان تہ مون قبوليو هو، دلبر جي هر قباحت ڪي،
ليڪن وفا جي بدلي ۾ هُن وٽ جفا ئي مَخبو هو.

گِرجا گهرن ۽ مندر تي هٿيار ساڻ پهرو آ،
اُجري پکين جي ٽولين ڪي مينار منجھ تہ ڏسبو هو.

يادن جا جُهول اُڇلي ڪنهن پاڻي ۾ خيال پوريا هَا،
ڪنهن جي اُداس جيوَن جو وهندڙ نديءَ تي خطبو هو.

درد جو درمان جيڪر ٿي پوي،
تو هٿان احسان جيڪر ٿي پوَي.

مان سجايان گهر گِهٽي هر چوڪ کي،
مُحب هو مهمان جيڪر ٿي پوَي.

لوڀ ۽ لالچ ،ڌن دنيا دولت مٿان،
ماٽيهي جو مان جيڪر ٿي پوَي.

شهر کان موڙي رکان ٿو مَن وجي،
ڳوٺ پنهنجو ڏيان جيڪر ٿي پوَي.

خواب لاءِ جهاڳيل اکين جو پنڌ هي،
سانپيان سامان جيڪر ٿي پوَي.

هِن خزان جي هُوڏ سامهون عاشقي،
گل پَريل گلدان جيڪر ٿي پوَي.

انسانيت تي داغ

هي دُشمن روز ڪا خوشبو لتاڙي،
گلن جي ڪيت مان گذري وڃن ٿا،
خدا جي سونهن جو انڪار ٽاٽي،
هي منڪر ڪوڙ تي ڪيڏو ڪِرن ٿا،
صبح جي ماڪ قطرن کي ڦُلوڙي،
هوا کي سوز ٿا ارپي وڃن هو،
پکين جي لات ۾ گوليون وسائي،
اَلم کو روز ٿا ارپي وڃن هو،
پلا معصوم جذبن جو ترانو،
ڪنهين دُشمن اکين کي ڪيئن سُجاڻي،
ڏجي ڇا موت کان بندوق ڇاهِي؟
اجان بي سمجھ هو بي خوف آهي،
مگر هو جانور جي رُوپ ۾ ٿي،
گهُرن ٿا خون هارڻ مقتلن ۾،
هُو جن جو دين ۽ ناهي ڌرم ڪو،
هو جيڪي لوڪ جا دشمن بڻيا هِن،
اِهي مون سڀ ڪمينن ۾ ڳڻيا هِن.
هُو جيڪي بَم ڪتابن ۾ رکن ٿا،
هُو جيڪي ٻار کان جَيون کسن ٿا،
اُهي انسانيت تي داڳ آهن.
اُهي انسانيت تي داڳ آهن

خواب ڪنوارا

واهه واهه راڻي تنهنجو راڄ،
هيڏا تحفا هيڏو ڏاج.
پئسن واري پيءُ جي نياڻي،
تو تہ خوشي آ هر هڪ ماڻي،
ننڍپڻ سُکيو جوڀن مُرڪيل،
تنهنجا سارا خواب بہ ساڀيل،
مومل تنهنجي شادي مَچ ۾،
دُهل شرنايون سهرا سَج ۾،
ڀاڳن واري ڪنوار بڻي آن،
ڪنهن جو تون سينگار بڻي آن،
تنهنجي پاڙي جي هڪ ڇوري،
سهڻي سادي رنگت گوري،
ڪنوار جي رُوپ ۾ تو کي پائي،
ويٺي آ هوءَ ڳل پُسائي،
هوءَ جا هڪ هاري جي ڌيءَ آ،
پاڻ غريبي منجھ پلي آ،
چنڊ جهڙن ٿا دل جا چارا،
هُن جا سارا خواب ڪنوارا،
حال غريبي ڏاج نہ ڪوئي،
ڦوهہ جواني اُجڙي روئي،
ڪيئن مٿائي قسمت ڪاري،
هِن جي ملڪيت پينگين پاري،
پيٽ گذر ۾ پورا پاتي،
هُن جو ڪنهن کي فڪر نہ باقي،

www.sindhsalamat.com

اسان جو من اڪيلو آ.....

ڏنو تو ڀي پرين ڪونهي،
اکين مان درد چاٽيون ٿا،
ملڻ جي روپ ۾ جيڪا،
رکي آ مرڪ مصنوعي،
چپن جي اُوٽ ۾ اُٽڪڻ،
صدا خاموش پئي ڀٿڪي،
وفا جي چيچ پڪڙي آ،
مگر ڪو حوصلو ڪونهي.
ڀَرم ڪيئي ڀُريا آهن،
هِتي ڪو ڀَر جهلو ڪونهي.
ڏهاڙي زرد لمحن جو،
پهر ڪَٽڻو پيو آهي.
ڪِٿي ڪنهن دهوپ جي آڏو،
ته آنچل ڪونه اُوڍيو آ،

پري ٿيو دلبرين کان هي،
اسان جوروح ساڳيو آ.
فقيري ضبط آ پنهنجو،
مگر ٿوڙڻ نٿا چاهيون.
ڏِسون ٿا درد کي سامهون،
وري خواهش ستائي ٿي.
کلڻ جي آرزو هر هر،
روئڻ تائين رسائي ٿي.
ذهن جي کوج ۾ هاٽي،
نراسايون نٿيون گهٿجن.
زمانو روز محفل ۾،
پري ٿو جُهول مُرکن جا،
نٿو آڇي ڪوئي محفل.
اسان ويران ڀٿکون ٿا.
اميدن جا کٽي لاشا،
هتي هر روز سڏکون ٿا.
اڪيلو چنڊ ڀي ناهي،
اڪيلي رات ڀي ناهي.
اڪيلو آ ته هِن جڳ ۾،
اسان جو من اڪيلو آ.

انتظاري

تون نہ آئين انتظاري پئي ڏُکي،
من اندر ڪا بيقراري پئي ڏُکي.

رات آئي جاڳ جا تحفا ڪٽي،
مان پُران ٿو ياڳ جا تحفا ڪٽي،
سرد آهُن مان اُٿي پئي آرزو،
لفظ ڳولن ٿا تُنهنجي ڪا گفتگو،
دل وڇوڙن ۾ ويچاري پئي ڏُکي
تون نہ آئين انتظاري پئي ڏُکي،

راهہ ۾ ڇاڻي اکين جون خواهشون،
روح ٿو ڄاڻي اکين جون خواهشون،
يار هي ويساهہ گهاتين ۾ وَري،
ٿُو رکيو آ ساهہ ڪاتين ۾ وري،
عشق آتش آهہ زاري پئي ڏُکي.
تون نہ آئين انتظاري پئي ڏُکي،

سَار جا پوپٽ اُڏامن ٿا اڃان،
پيار جا پوپٽ اُڏامن ٿا اڃان،
تون ورڻ جي مُند ۾ ناهين وَريو،
مان تہ تُنهنجي سار ۾ ساڳيو چريو،
سونهن سپنا سوچ ساري پئي ڏُکي
تون نہ آئين انتظاري پئي ڏُکي،

ڇڏ ڪٽي محبوب دُوريون هاڻ تون،
اڄ اسان وٽ قرب ميٺڙي پاڻ تون،
موٽ هاڻي مچ منهنجي ڪا التجا،
عرض آ ، آئت ڏيئي وچ يار ڪا،
لوڪ سامهون پريت پياري پئي ڏُکي،
تون نہ آئين انتظاري پئي ڏُکي،

www.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پنهنجي شهر تي

اجان سونهن ساڳي سلامت آ پنهنجي،
اجان پنهنجا جذبا جوانيون ٽا ماڻن.
اجان خواب نيڻن مان ليئا ٽا پائن،
اجان هِن بداٽي شهر جي گگن تي،
امن جا هزارين پکي پَر ٽا ساهِن.

هي ماڻهو هي ديشي، مُحبت جا هاري،
هي اُلفت ۽ چاهت وفا جا پُوڄاري،
هي همدرد همراز هڪ ٻئي جا ساٿي،
هي هڪ ئي گهراڻو هڪ ئي گهر جا ڀاتي،
هي ايڪا هي ميلا گهڻن کي ٽا گهائن،
اجان هِن بداٽي شهر جي گگن تي،
امن جا هزارين پکي پَر ٽا ساهِن.

غريبي جا جهُولا هي غربت جون راتيون،
اُجهائي نہ سگهنديون ٻَريل دل ۾ جاتيون،

اها راهہ روشن رکي آ رندن لاءِ،
اسان ديپ هٿ ۾ کنيا سوجهُرن لاءِ،
نئين ڏينهن ناتا نوان جوڙجن ٿا،
امن جا هزارين جهنڊا کوڙجن ٿا،
هي شاعر هي راڳي وفا کي پيا ڳائن.
اجان هِن بداٽي شهر جي گگن تي،
امن جا هزارين پکي پَر ٽا ساهِن.

لکان ٿو مان امداد سچ کي سنياري،
خدا هِن شهر کي اجان پيي سنواري،
ٻُڌو هِن شهر جا اُو واسي او رهندڙ،
ائين ئي هميشہ امن ۾ رهو پيا،
نہ ڪينو نہ ڪُلفت نڪو مير مَن ۾،
نہ ڪٽجو خدارا بغز کو بہ دل ۾،
ائين شاد آباد رهندا اچو پيا،
ائين اَمن اُلفت کي زندهہ رکو پيا،
وري هن وچن لاءِ سيئي هٿ وڌائن،
اجان هِن بداٽي شهر جي گگن تي،
امن جا هزارين پکيءَ پر ٽا ساهِن.

وساريان ڪيئن ڀلا توکي!!!

سڄڻ دل جي هِندوريءَ ۾،
لُڏن تنهنجون لکين يادون،
نہ تنهنجي سار جو اُلکو،
لٿو منهنجي جواني تان،
نہ تنهنجي پيار جو تحفو،
ڇنيو منهنجي جواني ڪان.،
سندي جيون جي اُس آڏو،
سلامت مون رکيا جانان،
هي تنهنجي مرڪ جا سايا،
ادا تنهنجي جو هر هڪ گُل،
مون خوشبو ساڻ سانڍيو آ،
خماريل نيڻ هي ڪجلا،
ڏسان رُخسار مڌشالا،
نہ وسري تنهنجو جوڀن ٿو،
نہ تنهنجو روپ ٿو وسري،
مگر بس ايترو آهي،
تون وڇڙي ڏور ٿي وئي آن،
سندئي يادون بہ تو وانگر،
سندمَ من کي جو ڀائن ٿيون،
وساريان ڪيئن ڀلا توکي؟
وساريان ڪيئن ڀُڏا توکي؟

www.sindhsalamat.com

ڄامشوريءَ مان گذر ٿيو!

قرب ڪوري مان گذر ٿيو،
ڄامشوري مان گذر ٿيو،

خيال آيو ڪاش هِتڙي،
مان به گهاري پل وڃان ها،
سوچ لوڏيو ڇونه آئين،
زندگي جا خواب ميڙڻ،
آس ڄاڳي ڪا پُراڻي،
جيءُ به وينو هو جهيڙڻ،
پر حقيقت هي هئي پيارا!
پاڻ هئاسين حال هاري،
پيءُ پالڻ ۾ پگهر هو،
گهر جو پورو بار ٻاري،
نيٺ ننڍڙا جوان ٿياسين،
بس رُڳو اسڪول وياسين،
دل جي دنيا ۾ هزارين،
خواب هوندا هئا مگر،
پاڻ ڏاهي پاڻ ڪي پوءِ،
ڪونه هوندي هئي خبر،
بس پڙهائي جو سفر،
اسڪول تائين محدود هو،
ڪنهن وڏي تدريس تائين،

پنهنجو پهچڻ ڏور هو،
بس اهي ڪاليج ۽،
يونيورسٽيون پاڻ لاءِ،
خواب هو جيڪو سدائين،
خواب تي گذري ويو،
ڄامشورا ڄامشورا،
ڪاش توڏي مان اچان ها،
آس ميڙي ٽيڙ ڪائي،
سُڏڪندو ۽ سِسڪندو،
ڄامشوري ڪان لنگهيو هان،
قرب ڪوري مان لنگهيو هان،

ممتا جي ڳوڙهن مٿان نوحا

اکين مٿان ننڊ جا پوپٽ
لامارا ڏيئي رهيا هئا،
پر اجان ڪجهه جاڳ جون ٻتيون،
ٽِمڪي رهيون هُيون،
ٽرين جو پٽڙي تان ڪنيل شور
شاعراڻي سوچ مٿان
واڪا ڪري رهيو هو،
ڪجهه لکڻ جي تمنا،
اجان اڻپوري هئي،
اوسي پاسي ۾ وينل،
مسافرن جون اکيون،
ننڊ ۾ هيون،
اچانڪ خماريل سماعتن مٿان،
ڪو ماتم اچي ڪِريو هو،
درد جي ڏکي دانهن
سُتل اکين جا ماڳ ٻه
لوڏي ڇڏيا هئا،
سامهون سيٽ تي وينل،
ممتا جي گود ۾،
هڪ معصوم گل هيو،
جنهن جون موت جي ننڊ ۾،
اکيون پوريل هيون،

معصوم وجود جو،
ائين اچانڪ سفر ۾
وڇڙي وڃڻ
ماءُ پيءُ لاءِ اذيتناڪ هو،
پوري ٽرين جا مسافر،
پوري رات ننڊ سان گڏ
ڳوڙها هارڻ ۾ پورا هئا،
سفر پورو درد ٻڌجي چڪو هو،
۽ مان ان ممتا جي ڳوڙهن مٿان
ڪيئي نوحا لکي ورتا هئا،

پياري بابا سائين جي نانءُ.....

قرب هِن ڪوهيار جو ٿورائتو،
مان اَبل جي پيار جو ٿورائتو،

هٿ وٺي هر موڙ تائين آ هليو،
مان چوان ٿو توڙ تائين آ هليو،
ناز نخرن ساڻ پاليو پاڻ جنهن،
همسفر ٿي حال ناهيو پاڻ جنهن،
هر تمنا کي اکيون بابا ڏنيون،
چاهه مان هر هر، چُميون بابا ڏنيون،
مان ادب ۽ پيار هِن پاپوهه مان،
سڪ سموري سار جو ٿورائتو،
مان اَبل جي پيار جو ٿورائتو.

هو ته گهاٽي وڻ جيان آهي رهيو،
زندگي کي زندگي آ هُن ڪيو،
پال ٿو پانيان اَبل جو پيار آ،
اڄ سلامت زندگي جو هَار آ،
آ دعا آقا اِها شفقت رکي،
بس ابل جو مون مٿان هي هٿ رکي،
زندگي جي سوجهرن جي تاڻ ۾،
هُن نظر نهار جو ٿورائتو،
مان اَبل جي پيار جو ٿورائتو.

ڊسمبر درد ٿيندو ويو.....

پراڻي ياد جي گهيري ۾،
اڪيلو من رڙيو راتيون،
پرين تو ڪونه ورنايو،
ڊسمبر درد ٿيندو ويو،
اُميدن جا هِتي ڪيئي،
رکيا فانوس ٻاري مَن،
اچي ڪوسا پري پاڪر،
سنڌءِ هڪ قرب ناري مَن،
دلاسن تنهنجي دلبر هو،
اسان کي خوب ترسايو،
ڊسمبر درد ٿيندو ويو،
اکين جا سوجهرا سارا،
هِتي بي نور ٿيندا ويا،
پَرم جي آسمان تي ڪئي،
سِتارا چُور ٿيندا ويا،
سندي برباد چاهت کي،
اسان پئي پاڻ دفنايو،
ڊسمبر درد ٿيندو ويو،
غزل جو روح نڪتو هو،
نظم به لُڙڪ لاڙيا ها،
قلم جي بيوَسي ميڙي،
مون ڪيڏا گيت ساڙيا هَا،
تباهي ۽ تنهائي ۾،
لڙي آيو ته غم آيو،
ڊسمبر درد ٿيندو ويو،
ڊسمبر درد ٿيندو ويو،

كنگڻ جي رقص جهڙو تي!

جڏهن بدمست چُورين جا،
ڪنوارا نيڻ چيڙن تا،
اندر ۾ ميل اٽپورا،
ملڻ لاءِ آس ميڙن تا،
جڏهن نازڪ هٿن ۾ گل،
مروڙي مُرڪ جوڙن ٿيون،
لڳي ٿو شام ۾ جڻ ڪي،
پنيوريون ناچ ڪوڙن ٿيون،
جڏهن ٽولا ڪٺي سرتيون،
اڪين جا عشق جهيڙن ٿيون،
چوان ٿو روح ڪي رهڙي،
وجي هُن ميل ۾ پهچان،
حُسن جي هر ادا ڪي مان،
اڪين ۾ ننڊ جان سيڪيان،
پوئنر بڻجي گلن پويان،
چپن جا چاس ميڙيندي،
نہ پُر تئي دل هي ديواني،
صدين جي پياس ميڙيندي،
چوان ٿو ٿهڪ چورائي،
جيئڻ جي ياڳ تي پهچان،
چوان ٿو اپسرائن جي،
وجي هُن پيچ ۾ پيهان،
چوان ٿو ٻانهن ۾ پاتل،
ڪنگڻ جي رقص جهڙو تي،
هُنن سان شام گهاريان ڪا،
حياتي ،مان بہ گهاريان ڪا،

داڳ لڳو هو دامن تي....!

هِن پنهنجي ميري دامن ڪي،
مون ڏوئڻ جا ڪيئي وَس ڪيا،
هڪ لوڪ ڏنيو هو طعنا ڏئي،
ٻيو سور رکيو هو پنهنجن ڏئي،
مَن مون ۾ ڪوئي عيب نہ هو،
بس الزامن جي بارش هئي،
گهر ٻار لُڙهي ويو منهنجو هو،
هي هيڏي ساڙ سڙي دنيا،
مان سمجهي ڪونہ سگهيم تنهن ڪي،
هڪ ڳالهہ اچانڪ ڪڙڪي هئي،
"تون ڪاري آن تون ڪاري آن"
مون دانهن ڪٺي در ڪڙڪايا،
هي هيڏو مونسان ظلم نہ ڪيو،
پر مون تي جان ڏيڻ وارو،
سو مڙس بہ دشمن بڻجي ويو،
ڪنهن ڪِين ٻُڌي ڪا دانهن منهنجي،
هر فرد گهُٽيو پئي ساهہ منهنجو،
ڪنهن ڪات ڪهاڙا سامهون ڪيا،
ڪنهن غيرت جون پئي ڳالهيون ڪيون،
بس آهہ اندر ۾ پالي مون،
هِن مُرده صفت ضميرن لئہ،
ڪيئي لڙڪ لڪايا نيڻن ۾،
هِن پوتارن ۽ ميرن لئہ،
بس داڳ لڳو هو دامن تي،
سو ڏوئڻ جهڙو ڪونہ هُيو،
هي جڳ سمورو سورن ۾،
سو جيئڻ جهڙو ڪونہ هُيو،

توبنا تون پاڻ چئو،
کيئن ڪيان هي عيد مان

زندگي ظلمات آ،
هِت مرڻ جا روز پئو.
کيئن ڪيان هي عيد مان

چار ڳوڙها ڳل مٿان،
پر اندر ۾ پور سئو.
کيئن ڪيان هي عيد مان

هر نظارو مونجهه ۾ ،
چنڊ لهندو ڪين لئو.
کيئن ڪيان هي عيد مان

ديس جا سارا غريب،
ڪونہ ٿا ماٺن ڪو ڏئو.
کيئن ڪيان هي عيد مان

هاڻ پايل رقص ڇا؟
او ڇري پيرين نہ پئو.
کيئن ڪيان هي عيد مان

پارسائي جون حدون

حياتي قرض لاهي ٿي،
امڙ مان ڪونہ ايندو سانءِ!

هو دشمن هوڏ ريتيو آ،
هي جرئت جوش ڪاهي ٿي.
امڙ مان ڪونہ ايندوسانءِ!
هِتي هِن ديس جي مٽيءَ،
اجان بارود باهي ٿي.
امڙ مان ڪونہ ايندوسانءِ!
بغاوت جا ڏِگها جهولا،
ڏکڻ جي هير ڏاهي ٿي.
امڙ مان ڪونہ ايندوسانءِ!
شهيدن خون هاريو آ،
ڏڏي ڌرتي ٻُڌائي ٿي.
امڙ مان ڪونہ ايندوسانءِ!
حياتي ۾ جشن ڪهڙو؟
اجان غازي بہ ناهي ٿي.
امڙ مان ڪونہ ايندوسانءِ!
وطن جي پاسباني ۾،
فخر مان قوم چاهي ٿي.
امڙ مان ڪونہ ايندوسانءِ!

www.sindhsalamat.com

پياسي نگاھ کي پَسي
مُدت کان پوءِ وري
جهُڙ پيو جهُمر هٽي

تنهنجي سڳيءَ جي لوڏ ۾،
دل ساڻ گڏ چَري.
جهُڙ پيو جهُمر هٽي

ڪونجون قطار ڪوھ ڏي ،
ترڇي نظر تري.
جهُڙ پيو جهُمر هٽي

جنت جي خواب جو ڀرَم،
تنهنجو آ، ٽر ٽري.
جهُڙ پيو جهُمر هٽي

ساوا فصل ٿيا ڳوٺ جا،
سينو پيو ٺري.
جهُڙ پيو جهُمر هٽي

جيون جي لام جي مٿان،
جوڀن ڦُٽيو اَڙِي!
جهُڙ پيو جهُمر هٽي

زندگي هئي بار،
موت بہ اُوکو هيو

عشق تنهنجي سوڳ ۾،
درد پاتم هار،
زندگي هئي بار.
موت بہ اُوکو هيو

ڪنهن شهر ۾ ڇاتو؟
ٻُک ننڊڙو ٻار،
زندگي هئي بار.
موت بہ اُوکو هيو

وقت لاهيندو وجي،
پُڄ تہ ڪهڙي پار،
زندگي هئي بار.
موت بہ اُوکو هيو
بندگي جي ذوق جو،
پل نہ پاتم يار،
زندگي هئي بار.
موت بہ اُوکو هيو

پنهنجي قربن ڪاڻ
ويندا وير وڏي
پاڪر بوسا چاھ ۾،
ٿوري رک چڪتاڻ.
ويندا وير وڏي
سک سنپارون ڄاڻي،
اکڙين جي آلاڻ.
ويندا وير وڏي
لهرن ڪيو آ شور ڏسي،
گهمندي گڏ مهراڻ.
ويندا وير وڏي
پيار پچار پنڌ ۾،
هوريان هلجي هاڻ.
ويندا وير وڏي

اڃان ابدي عشق تائين،
پهتا ناهيون پاڻ.
ويندا وير وڏي

ڪري ڪونج قطار،
ڪَهي ايندين ڪامٽيون.

پرت پريل چولڙا،
ڇُوڙين جي جهنڪار،
ڪَهي ايندين ڪامٽيون.

مٿ ڪٽي موھ جا،
چيلھ مٿان چار،
ڪَهي ايندين ڪامٽيون.

سونهن رَچنا رُڃ ۾،
پانڌي ڪِين پچار،
ڪَهي ايندين ڪامٽيون.

سارس پنهنجي سُرت سين،
نيٽن منجھ نهار،
ڪَهي ايندين ڪامٽيون.

اڃهو آيون ڪوھ تي،
لهندي اُڃ اَپار،
ڪَهي ايندين ڪامٽيون.

پارسائي جون حدون

ايڪي پيار محبت واري،
هاڻ گهُلي ٿي ڪين هوا،
منهنجي ڳوٺ ڪي ڇا ٿي ويو؟

اُوطاقن ۾ خاموشي آ،
قرب ڪچهري ڪانهي ڪا،
منهنجي ڳوٺ ڪي ڇا ٿي ويو؟

درد اُڏي ٿو دونهون بڻجي،
گهر گهر ۾ ٿيا جهيڙ جهٽا،
منهنجي ڳوٺ ڪي ڇا ٿي ويو؟

پوٽارن جي پويان ڊڪندي،
غربت ٿي وئي ليڙ لٽا،
منهنجي ڳوٺ ڪي ڇا ٿي ويو؟

ساڳيا منظر ساڳيون راهون،
ساڳيو ناهي موهه منا،
منهنجي ڳوٺ ڪي ڇا ٿي ويو؟

ڳوناٽو امداد مان ميڙيان،
روئي دل جا روز ڳيا،
منهنجي ڳوٺ ڪي ڇا ٿي ويو؟

تو بنا تون ڏَس ڪٽي،
دل ڪي آٿت ڪير ڏيندو؟

چاهتن ۽ قربتن جا،
تو جيان هي گَس ڪٽي،
دل ڪي آٿت ڪير ڏيندو؟

لوڪ سارو ساڙ ۾ آ،
دل ۾ پنهنجي ڪَس ڪٽي،
دل ڪي آٿت ڪير ڏيندو؟

لڙڪ لاڙي مُدتن کان،
مَن ڪليو هئس مس ڪٽي،
دل ڪي آٿت ڪير ڏيندو؟

وڃ نہ دلبر ايترو چئي،
مان ڪيان ٿو بَس ڪٽي،
دل ڪي آٿت ڪير ڏيندو؟

www.sindhsalamat.com

وقت ويهي چو وڃايون،
تاڻ جذبا وک وڌايو!

انت پهچي رات رهزن،
جُوت ڪا اهڙي جلايون،
تاڻ جذبا وک وڌايون!

منزلون محبوب پنهنجيون،
ناز مان هي نينهن نڀايون،
تاڻ جذبا وک وڌايو!

ضرب راهن جا هزارين،
درد هڪ ٻئي جا هنڍايون،
تاڻ جذبا وک وڌايون!.

مُرڪ زخمي من ٻہ گهايل،
زندگي مرهم ڏي ڪاهيون،
تاڻ جذبا وک وڌايون!.

چنڊ پُڇندو پير پنهنجا،
باک ڏيندي بن ۾ جايون،
تاڻ جذبا وک وڌايون!.

پارسائي جون حدون

رات اڪيلائي ڪي ميڙي،
سوچ ٻَري ٿي پونم جان،

خواب ڪٿان ڪان ايندا هاڻي،
ننڊ اوجاڳن سان پئي جهيڙي،
سوچ ٻَري ٿي پونم جان.

دل جا چاڪ ڏٺا تو دلبر،
اُڌمن سان ائين پاڻ اُڌيڙي،
سوچ ٻَري ٿي پونم جان.

هلڪي هلڪي هِير ڏکڻ جي،
يادن جا ڪي گيت ڇيڙي،
سوچ ٻَري ٿي پونم جان.

راهہ رُلي ٿو جوڳي منڙو،
پنهنجا ٿاڪ سمورا ٿيڙي،
سوچ ٻَري ٿي پونم جان.

www.sindhsalamat.com